ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO -2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) اربع 08 اپريل 2026ع 19 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 ويپيه شمارو (233)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وزيراعظم جو سعودي ولي عهدي محمد بن سلمان سان فون تي رابطو، ڪيو آهي، خطي ۾ هلندڙ ڇڪتاڻ تي ڳالهيون

ايران کي تباهه ڪرڻ ۾ رڳو 4 ڪلاڪ لڳندا، ان جي سڄي تهذيب ختم ڪري ڇڏينداسين، جيڪا واپس نه ايندي: آمريڪي صدر جي ڌمڪي

رتوچاڻ، بدعنواني ۽ موتن جي 47 سالن جي تاريخ ختم ٿي رهي آهي، مان نٿو چاهيان ائين ٿئي پر ائين ٿي ويندو، اسان مڪمل رجيم تبديل ڪري ڇڏي آهي: آمريڪي صدر

اهو اهم لمحن مان هڪ ٿي سگهي ٿو، ايران جي عظيم عوام تي خدا جي رحمت هجي، مختلف، ذهين ۽ گهڻو انتها پسند سوچ رکندڙ ماڻهو غالب هوندا ته شايد ڪو انقلابي قدم ثابت ٿي رهي

سعودي عرب ۾ الجبيل آئل فيسلٽي تي ٿيل حملي جي سخت مذمت ڪريون ٿا، وزيراعظم، پاڪستان جي حڪومت ۽ عوام، هميشه پنهنجي سعودي ڀائرن ۽ ڀينرن سان گڏ بيٺل آهي

ايران سعودي عرب جي شهر جوبيل ۾ پيٽروڪيميڪل ڪامپليڪس کي ميزائلن سان نشانو بڻايو آهي، جنهن سبب اتي خوفناڪ باهه لڳي وئي، حملو آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن جي جواب ۾ ڏنو ويو آهي: پاسداران انقلاب

ايران جي شهري، ايلچي يا انفراسٽرڪچر کي نشانو بڻايو ويو ته آمريڪا جي پائيپرن جي انفراسٽرڪچر کي نشانو بڻائينداسين، آمريڪا ۽ ان جا اتحادي ورهين تائين خطي جي تيل ۽ گيس کان محروم رهندا

واشنگٽن (مانيٽرنگ ڊيسڪ) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ هڪ ڀيرو ٻيهر ڌمڪي ڏيندي چيو آهي ته اڄ رات هڪ سڄي تهذيب ختم ٿي ويندي، رتوچاڻ، بدعنواني ۽ موتن جي 47 سالن جي تاريخ ختم ٿي رهي آهي پنهنجي سوشل ميڊيا پليٽ فارم ٽرٿ سوشل تي هڪ پوسٽ ۾ ٽرمپ لکيو ته اڄ رات هڪ سڄي تهذيب ختم ٿي ويندي، جنهن کي ٻيهر ڪڏهن واپس بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

ايران جا سعودي عرب تي حملا تڪرار جي حل جي ڪوشش کي نقصان پهچائي رهيا آهن: ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس

فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ 274هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ سعودي عرب تي تازن حملن جي مذمت ڪئي وئي

سعودي عرب تي حملا غيرضروري ڇڪتاڻ آهي، ان نوعيت جا حملا ۽ بنا جواز جارحيت پرامن ڪوشش کي متاثر ڪري ٿي

هڪ ذميوار اسٽيڪ هولڊر طور پاڪستان علائقائي سلامتي جي استحڪام لاءِ فعال ڪردار ادا ڪري رهيو آهي: اجلاس ۾ خيالن جو اظهار

راولپنڊي (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ چيو ويو آهي ته ايران جا سعودي عرب تي حملا پرامن ذريعي تڪرار جي حل جي مخلصانه ڪوشش کي نقصان پهچائي رهيا آهن، آءِ ايس پي آر موجب فيلڊ مارشل سيد عاصم منير جي صدارت هيٺ 274هين ڪور ڪمانڊرز ڪانفرنس ۾ سعودي عرب تي تازن حملن بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

خطي جي موجوده جنگي صورتحال ۾ وفاقي حڪومت کي پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافو ڪرڻو پيو: شرجيل انعام ميمڻ

چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽ صدر آصف علي زرداري جي هدايتن تي سنڌ حڪومت عوام جي رليف لاءِ 35 اربن جو پيڪيج ڏنو آهي

ايڪسائيز کاتي، نارڪوٽڪس ڪنٽرول ونگ سنڌ، نيول انٽيليجنس ۽ پاڪستان ميري ٽائيم سيڪيورٽي ايجنسي جي گڏيل ڪارروائي ڪئي: مڪيش ڪمار چاولا

اربين رپين جي ماليت جي 500 ڪلو گرام ڪرسٽل آئس ۽ 3000 بوتلون پرڏيهي وسڪي برآمد ڪئي

سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ صوبائي وزير ايڪسائيز ٽيڪسيشن ۽ نارڪوٽڪس ڪنٽرول مڪيش ڪمار چاولا سان گڏ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته خطي جي موجوده جنگي صورتحال ۾ وفاقي حڪومت کي پيٽرول جي قيمتن ۾ اضافو ڪرڻو پيو آهي پيٽروليم شين جي بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينيئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيو آهي، صوبائي وزير مڪيش چاولا پڻ موجود آهي

صدر آصف زرداري سان پنجاب جي گورنر سردار سليم حيدر خان جي ملاقات انتظامي معاملن تي ڳالهيون

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جو مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ اسيمبلي جي اسپيڪر سيد اويس قادر شاهه جو مير بابل بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پيپلز پارٽي جي حڪومت صحت جي شعبي ۾ تاريخي قدم کنيا آهن: وڏو وزير

پاڪستان جا وڏا ۽ معياري اسپتال سنڌ ۾ موجود آهن ۽ حڪومت صحت جي شعبي ۾ بهتري لاءِ پرعزم آهي

سنڌ ۾ پراڻن اسپتالن کي سڌارڻ ڏئي نئين سر تيار ڪيو ويو آهي، نوان اسپتال ۽ بنيادي صحت مرڪز پڻ قائم ڪيا ويا آهن

دل جي بيمارين جي علاج واري اداري جي چار کي وڌايو ويو آهي، قومي دل جي بيمارين جي اداري جا مختلف ضلعن ۾ مرڪز پڻ قائم آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه عالمي يوم صحت جي مناسبت سان پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته اڄ (7 اپريل) سڄي دنيا ۾ عالمي يوم صحت ملهايو پيو وڃي ۽ صحت مند قوم ئي ترقي جي ضمانت هوندي آهي. وڏي وزير چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: صدر آصف علي زرداري سان پنجاب جو گورنر سردار سليم حيدر ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ تيز رفتار ٽرڪ جو اسڪوٽر سان ٽڪر، معصوم ٻار فوت، ماءُ زخمي

شاهه فيصل ڪالوني ۾ هڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽر تي سوار هڪ خاندان کي اناج جي بورين سان ڀريل ٽرڪ ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ معصوم ٻار موقعي تي فوت ٿي ويو سندس ماءُ سخت زخمي ٿي پئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي شاهه فيصل ڪالوني ۾ تيز رفتار ٽرڪ ڊرائيور اسڪوٽر تي سوار ماءُ ۽ پٽ کي چيڀاٽي ڇڏيو جنهن جي نتيجي ۾ معصوم ٻار فوت ٿي ويو ۽ عورت سخت زخمي ٿي پئي تفصيل موجب شاهه فيصل ڪالوني ۾ هڪ اليڪٽرڪ اسڪوٽر تي سوار هڪ بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

ماهيگيري جي صنعت کي ون ونڊو آپريشن تحت سهولتون ڏيڻ چاهيون ٿا: محمد علي ملڪاڻي

ماهيگيرن جي رجسٽريشن ۽ انهن جي شڪار وارين ٻيڙين کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ لائيسنس وٺندڙ اين آئي سي هولڊر هوندو

فشريز کاتي هن وقت تائين 7275 ماهيگير ۽ شڪار جي 8253 ٻيڙين جي رجسٽريشن ڪئي وئي آهي

غير قانوني ماهيگيري تي ڏنڊ وصول ڪرڻ واري قانون تي عملدرآمد ٿيڻ ڪانپوءِ هن وقت تائين 35 لک 73 هزار رپيا ڏنڊ وصول ڪيو ويو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير لائيو اسٽاڪ ۽ فشريز محمد علي ملڪاڻي چيو آهي ته ماهيگرن جي رجسٽريشن ۽ انهن جي شڪار وارين ٻيڙين کي رجسٽر ڪرڻ لاءِ لائيسنس وٺندڙ اين آئي سي (NIC) بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

آمريڪي خلائي اداري ناسا مشن آرٽمس 2 جي خلا بازن جون تصويرون جاري

ميمبرن کي ذاتي تصويرون ۽ وڊيوز ناهڻ لاءِ آءِ فون 17 پروميڪس ڏنو ويو

آمريڪا (اي پي پي) آمريڪي خلائي اداري بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

جنگ سبب سول انفراسٽرڪچر کي نشانو بڻائڻ غير قانوني آهي: يورپي يونين

برسلز (اي پي پي) يورپي يونين جي اڳواڻ بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: ٻنهي شهرن ۾ برسات بعد ماڻهو ۽ سواريون برساتي پاڻي مان گذري رهيا آهن

گل پلازا سانحو: جوڊيشل ڪميشن جاچ مڪمل، رپورٽ سنڌ حڪومت حوالي

سينئي ڏينهن جي سهڪار سان جاچ مڪمل، رپورٽ ۾ سمورا اهم پهلو شامل آهن: جسٽس آغا فيصل

17 جنوري واري باهه ۾ 73 کان وڌيڪ شهري فوت ٿيا، متاثرن ۽ ادارن جا بيان قلمبند

رپورٽ عوام آڏو آڻڻ يا نه آڻڻ جو اختيار سنڌ حڪومت وٽ آهي، مستقبل لاءِ اهم سفارشون شامل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گل پلازا سانحي بابت جوڊيشل ڪميشن پنهنجي جاچ مڪمل ڪري ڇڏي آهي ۽ تحقيقاتي رپورٽ حڪومت سنڌ کي حوالي ڪئي ويندي. ڪميشن جو سربراهه جسٽس آغا بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

سرجاني ٽائون شپ ۾ ترقياتي ڪم تيز، ڊي جي ڪي ڊي اي جو دورو

روڊن، نالن ۽ فوٽ پاٿن جي تعمير جو ڪم جاري، مقرر وقت اندر مڪمل ڪرڻ جو عزم

سيوريج سسٽم بهتر بڻائڻ اعليٰ معيار سان ترقياتي منصوبا مڪمل ڪيا وڃن: آصف صديقي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڊائريڪٽر جنرل ڪراچي ڊولپمينٽ اٿارٽي آصف جان صديقي سرجاني ٽائون شپ جو تفصيلي بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سٺي ڪارڪردگي ڏيکاريندڙ پوليس عملدارن کي سرٽيفڪيٽ ڏنا پيا وڃن

سعودي عرب ۽ روس وچ ۾ ويزا فري داخلا جي معاهدي تي عملدرآمد جو اعلان

رياض-07 اپريل (اي پي پي) سعودي عرب روس لاءِ ويزا فري داخلا جي معاهدي تي 11 مئي کان عملدرآمد جو اعلان ڪيو آهي بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۾ نامعلوم لاش سميت چار ڄڻا فوت

ڪورنگي ۾ گاڏي جي ٽڪر ۾ نوجوان فوت، موٽر سائيڪل سوار جان وڃائي ويٺو

ڪالا پل وٽ ٽرڪ تان ڪري مزدور فوت، شاهه فيصل روڊ تي ڪرنٽ لڳڻ سان هڪ ڄڻو اجل جو شڪار

نيو ڪراچي ۾ روڊ ڪناري نامعلوم شخص جو لاش هٿ، پوليس جاچ شروع

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ ڌار ڌار حادثن ۾ نامعلوم شخص جو لاش ملڻ سميت چار ڄڻا فوت ٿي ويا آهن باغ ڪورنگي ملت سي اين جي پمپ جي ويجهو نامعلوم گاڏي جي ٽڪر ۾ بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پاڪستان پاران مسجد اقصيٰ تي اسرائيلي قابض فوج جي حملي جي مذمت

مقدس جڳهه تي سڌوسنئون حملو عالمي ۽ قراردادن جي واضح خلاف ورزي آهي: پاڪستان

فلسطيني عوام جي منصفاڻي موقف جي پنهنجي اٽل ۽ اصولي حمايت جو ورجاءُ ڪريون ٿا

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان مسجد اقصيٰ (الحرم الشريف) تي اسرائيلي قابض فوج جي حملي جي شديد ترين لفظن ۾ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ايران جي دفاع لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان: صدر پزشڪيان

هڪ ڪروڙ 40 لک کان مٿي ايراني شهري دفاع لاءِ جانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهن

تهران (ھ د) ايران جي صدر مسعود پزشڪيان چيو آهي ته آئون پنهنجي ملڪ جي دفاع لاءِ هر قرباني ڏيڻ لاءِ تيار آهيان هڪ ڪروڙ 40 لک کان مٿي ايراني شهري پنهنجي ملڪ جي دفاع لاءِ جانيون قربان ڪرڻ جي تياري ظاهر ڪري چڪا آهن

آبناءِ هرمز مان جهاز گذرڻ سبب تيل سستو نه ملندو: اعظم نذير تارڙ

28فيبروري کان اڳ ڪروڊ آئل جي قيمت ۽ اڄ جي قيمت ۾ گهڻو فرق آهي

وزيراعظم شهباز شريف جي ڪابينا تي ڪليل عدالت ۾ ڪرپشن جو ڪيس هلائي ڏسو

دنيا جون وڏيون وڏيون معيشتون پڻ ويون پر اسان جون حالتون ڪيترن ئي ملڪن کان بهتر آهن

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) قانون واري وزير اعظم نذير تارڙ چيو آهي ته آبناءِ هرمز مان جهاز گذرڻ سبب تيل مفت يا سستو بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف ملڪي ۽ علائقائي صورتحال بابت تعزيت وقت ميزبانن سان ڳالهائي رهيو آهي

جهاز معاملي تي مريم نواز تي هروڀرو تنقيد ڪئي پئي وڃي: خواجا آصف

چئني صوبن جي وڏن وزيرن وٽ سرڪاري جهاز موجود آهن، رڳو مريم نواز کي نشانو بڻايو پيو وڃي

ڪر نئون جهاز خريد نه ڪيو ويو پر اڳ کان موجود جهاز جي مرمت ۽ جديد سهولتون شامل ڪيون ويون

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) بچاءَ واري وزير خواجا آصف چيو آهي ته مريم نواز کي سرڪاري جهاز جي معاملي تي بنا جواز بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڪميونسٽ پارٽي جو جنرل سيڪريٽري ٽولام ويٽنام جو نئون صدر چونڊجي ويو

ٽولام مئي کان آڪٽوبر 2024ع تائين صدر جي عهدي تي مقرر رهي چڪو آهي

صدارت جي مدي دوران هنر مند افرادي سگهه تيار ڪئي ويندي: نئون صدر

هنوئي (اي پي پي) ويٽنام جي قومي اسيمبلي گڏيل ڏينهن ڪميونسٽ پارٽي جي سرڪزي ڪميٽي جي جنرل سيڪريٽري ٽولام کي سال 2026ع کان سال 2031ع لاءِ ملڪ جو نئون صدر چونڊڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق 495 حاضر ميمبرن ان چونڊ قرارداد بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

صوبائي وزير علي حسن زرداري سان پ پ اڳواڻ جون ملاقاتون، عوامي مسئلن جي حل لاءِ فوري هدايتون

پيپلز پارٽي اڳواڻن ۽ ايم پي ايز سان سياسي صورتحال ۽ ترقياتي منصوبن تي صلاح مشورا

حڪومت عوامي ڀلائي ۽ سڌارن لاءِ سنجيده، لاپرواهي برداشت نه ڪئي ويندي: علي حسن زرداري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جيل خاني ۽ ورڪس اينڊ سروس کاتي جي صوبائي وزير علي حسن زرداري سان سنڌس آفيس ۾ بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير علي حسن زرداري پنهنجي آفيس ۾ ماڻهن جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

ڪراچي محمود عالم جاموٽ صوبائي وزير حاجي حسن علي زرداري سان ملاقات

ملاقات دوران موجوده سياسي صورتحال، ترقياتي منصوبن تي تفصيلي خيالن جي ڏي وٺ

سياست جو مقصد صرف اقتدار حاصل ڪرڻ ناهي، پر عوام جي مسئلن جو حل آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي اسيمبلي جي ميمبر پي ايس-87 محمود عالم جاموٽ صوبائي وزير جيل خانه جات ۽ بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

ايڊيشنل آءِ جي آزاد خان جا پوليس آفيسن جا دورا، سيڪيورٽي ۽ ڪارڪردگي جو جائزو

پوليس هيڊڪوارٽرز ايسٽ ۾ سيڪيورٽي، سي سي ٽي وي ۽ ايمرجنسي نظام تي بريفنگ

مليرضلعي ۾ ڏوهن جي روڪٿام ۽ اسٽريٽ ڪرائم خلاف حڪمت عملي جو جائزو ورتو

امن امان بهتر ڪرڻ پيٽرولنگ وڌائڻ ۽ عوامي خدمت جو معيار بلند رکڻ جي هدايت

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي آزاد خان پوليس هيڊڪوارٽرز ايسٽ ۽ ايس ايس پي ملير آفيس جو تفصيلي دورو ڪيو. دوري موقعي تي ڊي آءِ جي ايڊمن ڪراچي، ڊي آءِ جي ايسٽ، ايس ايس پي بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ بئنڪ جو شاندار ڪارنامو 2025 ۾ رڪارڊ 6.37 ارب رپين جو منافعو

ٽيڪس بعد منافعو 3.35 ارب، نيٽ آمدني ۽ غير مارڪ اپ ۾ نمايان واڌ

ڊپازٽس 342 ارب، ايڊوانسز ۾ 72 سيڪڙو واڌ، SME ۽ ڪنسومر فنانسنگ ۾ تيزي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽيڪس بعد منافعو 3.35 ارب رپيا رهيو جيڪو 2024 جي 2.77 ارب رپين جي مقابلي ۾ 20 سيڪڙو واڌ ڏيکاري ٿو. نيٽ مارڪ اپ آمدني ۾ 40 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي جڏهن ته بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت 10 اسپورٽس ڪمپليڪسز کي اپ گريڊ ڪري اسپورٽس ڪلبن جو درجو ڏئي ڇڏيو

رانديون واري وزير سردار محمد بخش مهر جي صدارت هيٺ اجلاس ۾ نوجوانن لاءِ معياري سهولتون ۽ ميمبرشپ جا موقعا فراهم ڪرڻ جي هدايت

پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ جي تعاون سان صوبائي ڪرڪيٽ ٽيم جي جوڙجڪ تي اجلاس، پاڪستان ڪپ لاءِ رانديگرن جي چونڊ تي تفصيلي مشاورت

سنڌ ۾ ڪرڪيٽ جو بي پناهه ٽيلنٽ موجود، مناسب موقعا فراهم ڪرڻ سان قومي سطح تي نمايان ٿي سگهي ٿو: اڳوڻي ڪرڪيٽر يونس خان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت جي رانديون واري کاتي صوبي جي 10 اسپورٽس ڪمپليڪسز کي اپ گريڊ ڪري انهن کي باقاعدي اسپورٽس ڪلبن جو درجو ڏئي ڇڏيو آهي ان سلسلي ۾ اسپورٽس بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ڊي پي اوز ۽ ايس ايڇ اوز لاءِ منعقد اسپيشلائيزڊ ٽريننگ ورڪشاپ جي پڄاڻي

پڄاڻي تي تقريب منعقد، ڪورس مڪمل ڪندڙ 186 آفيسرن کي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) انسپيڪٽر جنرل آف پوليس سنڌ جاويد عالم اوڍو جي حڪمن تي ايس ڊي پي اوز (SDPOs) ۽ ايس ايڇ بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

گورنر سنڌ جي سعودي عرب جي سهولتن تي ايراني حملي جي سخت مذمت

سعودي عرب جي اقتصادي سهولتن تي حملي جو ڪو به جواز نه ٿو بڻجي: نهال هاشمي

معاشي طور تي مستحڪم سعودي عرب خطي جي امن ۽ استحڪام لاءِ تمام ضروري آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي سعودي عرب جي سهولتن تي ايراني حملي جي سخت مذمت بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن ۾ نئين سيڪريٽري جنرل کي چونڊڻ جو عمل تيز

اميدوارن سان ٻه ڏينهن جي انٽر ايڪٽو ڳالهين جو شيڊيول جاري

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي (يو اين جي اي) ايندڙ ٽئين سيڪريٽري جنرل جي عهدي جي اميدوارن بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: بجلي وارو وفاقي وزير سردار اويس لغاري ورلڊ بئنڪ جي عملدارن سان ڳالهائي ڪري رهيو آهي

روس ۽ چين سلامتي ڪائونسل ۾ آبنائي هرمز کولرائڻ لاءِ بحرين جي قرارداد ويٽو ڪري ڇڏي

آبنائي هرمز کولرائڻ لاءِ بحران جي قرارداد تي ووٽنگ لاءِ گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جو اجلاس ٿيو

قرارداد منظور ٿئي ها ته ميمبر ملڪن کي آبنائي هرمز کولرائڻ لاءِ ضروري قدم کڻڻ جي اجازت ملي وڃي ها

نيويارڪ (ھ د) سلامتي ڪائونسل ۾ روس ۽ چين آبنائي هرمز کولرائڻ لاءِ بحرين جي پيش ڪيل قرارداد ويٽو ڪري ڇڏي، آبنائي هرمز کولرائڻ لاءِ بحران جي قرارداد تي ووٽنگ لاءِ سلامتي ڪائونسل جو اجلاس بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم جي بيٽري توانائي اسٽوريج سسٽم جي منصوبي تي ڪم تيز ڪرڻ جي هدايت

قابل تجديد توانائي جي ذريعن کي قومي سطح تي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ ٺوس حڪمت عملي جوڙي وڃي: وزيراعظم

ملڪ ۾ بجلي جي پيداوار ۾ قابل تجديد توانائي جو مناسب حصو هجڻ جي ڪري توانائي جو بحران پيدا نه ٿيو

علائقائي ڇڪتاڻ جي باوجود ڪامياب سفارتڪاري سان نار ملڪن کي پاڪستاني برآمدات جي پهچ يقيني بڻائي وئي

هن وقت بجلي جي ڪل پيداوار ۾ 55 سيڪڙو حصو قابل تجديد ذريعن ۽ 45 سيڪڙو حصو حياتياتي ٻارڻ جو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف قابل تجديد توانائي جي ذريعن کي قومي سطح تي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي لاءِ ٺوس حڪمت عملي جوڙڻ ۽ بيٽري توانائي اسٽوريج سسٽم جي بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ڪيوبا، ايٿوپيا، پورچوگال اسپين ۽ تنزانيا جا نامزد سفير صدر آصف علي زرداري کي پنهنجا نامزدگي ڪاغذ پيش ڪري رهيا آهن

صحت ڪنهن به قوم جي اصل طاقت هوندي آهي، سنڌ ۾ حڪومت صحت شعبي ۾ انقلابي قدم کنيا آهن: بلاول ڀٽو

ملڪ ۾ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل ڊاڪٽرن، نرسن ۽ پيرا ميڊيڪل عملي جي خدمتن کي ڀرپور خراج تحسين پيش ڪيان ٿو

معياري علاج ۽ معالج جون سهولتون چند ماڻهن جو حق نه، پر هر شهري جو بنيادي انساني حق آهن

شهيد راڻي پاڪستان ۾ ٻهرين پيرا انسداد پوليو مهم شروع ڪئي، جنهن جو مقصد هر ٻار کي قابل تدارڪ بيمارين کان محفوظ بڻائڻ هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري عالمي يوم صحت جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چيو آهي ته صحت ڪنهن به قوم جي اصل طاقت هوندي آهي جيڪا دولت ۾ نه پر عوام جي صحت، وقار ۽ فلاح و بهبود ۾ لڪل هوندي آهي. هن ملڪ ۾ صحت جي شعبي سان لاڳاپيل بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

ايران ۽ آمريڪا ويهڻ لاءِ تيار هئا، پر اسرائيل ڳالهيون ڪامياب ڏسي وڏو حملو ڪري ڇڏيو: اسحاق ڊار

پاڪستان خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي خاتمي ۽ امن جي قيام لاءِ ڀرپور سفارتي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي

گذريل رات کان اڳ تمام گهڻا پراميد هئاسين پر خطرناڪ اڳيرائي حالتن کي ٻيهر ڇڪتاڻ وارو بڻائي ڇڏيو

ايران سعودي عرب جي شهر جبيل ۾ تيل جي ٽاڪن کي نشانو بڻايو، جنهن سان امن عمل کي سخت نقصان رسيو

اسلام آباد (ويب ڊيسڪ) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير اسحاق ڊار چيو آهي ته پاڪستان خطي ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ جي خاتمي لاءِ ڀرپور سفارتي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي پر تازي اڳيرائي امن ڪوشش کي سخت نقصان پهچايو آهي سينيٽ ۾ خطاب ڪندي اسحاق ڊار چيو ته گذريل رات کان اڳ تمام گهڻا پراميد هئاسين پر خطرناڪ اڳيرائي حالتن کي ٻيهر ڇڪتاڻ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف سان ترڪي جي آئيني عدالت جو صدر ملي رهيو آهي

پاناما سٽي ۾ ٽينڪر ڌماڪو، هڪ ڄڻو فوت، ڪيترائي زخمي

واقعو آئل ٽرمينل ويجهو پيش آيو، ٻارڻ ڀرڻ دوران ٽينڪر ڌماڪي سبب ڦاٽي پيو

هڪ شخص فوت ۽ ڪيترائي ماڻهو سڙي زخمي ٿي پيا

پاناما سٽي (اي پي پي) سينٽرل آمريڪي ملڪ پاناما جي ڳاڌي واري شهر پاناما سٽي ۾ ٽينڪر ڌماڪي جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت ۽ ڪيترائي زخمي ٿي پيا آهن پرڏيهي ميڊيا مطابق اهو واقعو پاناما بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن پاران ايراني پلين تي حملن جي ڌمڪي تي ڳڻتي جو اظهار

ڌريون ڇڪتاڻ کي گهٽ ڪن ۽ عالمي قانون مطابق معاملا حل ڪن

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن آمريڪا طرفان ايران جي بجلي گهرن ۽ پلين تي امڪاني حملن جي ڌمڪي واري بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

سنڌ بار ڪائونسل پاران ڪراچي بار جون چونڊون 7 مئي تي ڪرائڻ جو اعلان

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ بار ڪائونسل بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: پيٽرول واري وفاقي وزير علي پرويز ملڪ سان برطانيا جي هاءِ ڪمشنر جين ميريئيٽ ملاقات ڪري رهي آهي

ڪراچي انڊسٽريل ايريا جي گهر مان ناري جو ڦاهو ڪاڌل لاش هٿ، اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) نيو ڪراچي انڊسٽريل ايريا جي خميسو ڳوٺ واري بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

شهر جي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ مجموعي طور 68 ارب رپين جا ترقياتي منصوبا جاري آهن: ميئر ڪراچي

نارٿ ناظم آباد ٽائون ۾ سخي حسن روڊ جي بهتري ۽ بحالي واري منصوبي تي لڳ ڀڳ 140 ملين رپيا خرچ ايندو

منصوبي ۾ ساڳي ڊيگهه واري ڊرينيج لائين جي مرمت به شامل آهي ته جيئن برساتي پاڻي جي نيڪال کي يقيني بڻائي سگهجي

ماضي ۾ برساتن دوران ٽڪرين وارن علائقن مان ايندڙ پاڻي سخي حسن قبرستان ۽ ڀرپاسي جي آبادين کي متاثر ڪندو هو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب چيو آهي ته شهر جي انفراسٽرڪچر جي بهتري لاءِ مجموعي طور 68 ارب رپين جا ترقياتي منصوبا جاري آهن. هن چيو ته ماضي ۾ شاهراهه نورجهان جهڙا منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته شير شاهه سوري روڊ سميت ٻين بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: وفاقي وزير خواجه آصف سان ترڪي جو ڊپٽي چيف آف جنرل اسٽاف جنرل ليوينٽ ارگن ملاقات ڪري رهيو آهي

اير ڪيوايم ۽ جماعت اسلامي عوام کي گمراهه ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي: ڪرم الله وقاصي

برسات شروع ٿيندي ئي شهر جي ڪيترن ئي هنڌن تي ڊي واٽرنگ پمپس فعال ڪيا ويا

100 کان وڌيڪ موبائل پمپنگ اسٽيشنن ڳري مشينري ۽ 300 کان وڌيڪ عملي ميدان ۾ موجود رهيو

نالن ۽ سيوريج لائين شاخن جي صفائي ڪئي وئي جنهن سبب هن ڀيري ماضي جي ڀيٽ ۾ صورتحال گهڻي بهتر رهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ميئر ڪراچي جي ترجمان ڪرم الله وقاصي تازين برساتن کان پوءِ بلدياتي ڪارڪردگي تي اپوزيشن جماعتن، خاص طور ايم ڪيو ايم ۽ جماعت اسلامي جي تنقيد کي سختي سان رد ڪندي ان کي "سياسي پوائنٽ اسڪورنگ" ۽ منفي پروپيگنڊا قرار ڏنو بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سعودي عرب تي حملا مسلم امت کي پاڙ ۾ ويڙهائڻ جو منصوبو آهي: مولانا فضل الرحمان

اسان انهن حملن کي سعودي عرب جي خود مختياري ۽ سلامتي جي سنگين ڀڃڪڙي سمجهون ٿا

قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ تي سعودي قيادت، عوام ۽ متاثر خاندانن سان تعزيت جو اظهار ڪريون ٿا

اسلامي ملڪن کي اسرائيل خلاف يڪجهتي جو مظاهرو ڪندي هڪ اسلامي بلاڪ جوڙڻو پوندو: جي يو آءِ سربراهه

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جي يو آءِ سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته سعودي عرب تي تازا حملا مسلم امت کي پاڙ ۾ ويڙهائڻ جو آمريڪي ۽ اسرائيلي منصوبو آهي جمعيت علماءِ اسلام جي اجلاس جي صدارت ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته اسان انهن حملن کي سعودي عرب جي خود مختياري ۽ سلامتي جي سنگين ڀڃڪڙي سمجهون ٿا، اسان قيمتي جانيون ضايع ٿيڻ تي سعودي قيادت، عوام بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

جيڪب آباد: اڳوڻي ايم اين اي مير بابل خان جکراڻي جي جنازي نماز ادا ڪئي پئي وڃي

مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي پيپلز پارٽي قيادت پاران ڏک ۽ تعزيت جو اظهار

بلاول ڀٽو زرداري، مراد علي شاهه سميت اڳواڻن پاران مرحوم جي خدمتن کي ڀيٽا

سنڌ هڪ اهم ۽ سينيئر سياستدان کان محروم ٿي وئي آهي: اڳواڻ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سابق رڪن قومي اسيمبلي ۽ سينيئر سياستدان مير بابل خان جکراڻي جي وفات تي پاڪستان پيپلز بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ ايف آءِ اي جي ڪارروائي، ٻه بنگلاديشي شهري گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي جاچ ايجنسي (ايف آءِ اي) اميگريشن پاران بروقت ڪارروائي ڪندي پاڪستان کي ڪرانزٽ بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وفاقي وزير عبدالعليم خان اين ايڇ اي جي ريجنل آفيس جو دورو

صوبي ۾ شاهراهن تي درپيش مسئلن جي حل لاءِ خاص ٽيمون جوڙيون پيون وڃن: عبدالعليم خان

منصوبن ۾ دير هرگز برداشت نه ڪئي ويندي ۽ معيار ۽ شفافيت تي ڪو به سمجهوتو نه ٿيندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وفاقي وزير مواصلات عبدالعليم خان ڪراچي ۾ نيشنل هاءِ وي اٿارٽي (اين ايڇ اي) جي ريجنل بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: ثقافتي ورثي وارو وفاقي وزير اورنگزيب خان کچي قزاقستان جي سفير کي شيلڊ ڏئي رهيو آهي

گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان گورنر بلوچستان جي ملاقات

ملاقات دوران باهمي دلچسپي، مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي معاملن تي خيالن جي ڏي وٺ

بلوچستان جي مسئلن کي پنهنجي وسيلن سان حل ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي: گورنر سنڌ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان گورنر بلوچستان جعفر خان مندوخيل گورنر هائوس ۾ ملاقات بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

ادويات ۽ ميڊيڪل آلات جي خريداري جو نظام صاف ۽ شفاف بڻايو وڃي: سعيد غني

سي سي آءِ تحت هلندڙ ادارن ۾ سڀني ملازمن ۽ آفيسرن جي بايو ميٽرڪ حاضري کي فوري طور تي يقيني بڻايو وڃي

ايندڙ مالي سال 2026-27 جو بجيٽ مئي تائين پيش ڪيو وڃي، اوپن مارڪيٽ ذريعي خريداري فوري طور تي بند ڪئي وڃي

ٿرڊ پارٽي فرانزڪ رپورٽ جي بنياد تي 3 ڪروڙ 36 لک روپيا جي ادائيگي جي منظوري ڏني وئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وزير محنت و افرادي قوت ۽ سماجي تحفظ سنڌ ۽ چيئرمين گورننگ باڊي سي سي آءِ سعيد غني چيو آهي ته سي سي آءِ جي تحت هلندڙ سڀني ادارن ۾ سڀني ملازمن ۽ آفيسرن جي بايو بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

PAKISTAN COUNCIL OF RESEARCH IN WATER RESOURCES

Ministry of Water Resources, Government of Pakistan

PCRWR

INVITATION FOR BIDS (NIT)

(E-Bidding through EPADS | Single Stage Two Envelope)

Pakistan Council of Research in Water Resources (PCRWR), Ministry of Water Resources, Government of Pakistan, invites E-bids from eligible firms registered with FBR for the following procurements:

PROCUREMENT SUMMARY:

S.N	Description	Estimated Budgeted Cost (PKR Million)	Tender Submission Deadline	Tender Opening
1.	Laboratory Equipment, Instruments, Chemicals & Consumables	39.0	20-Apr-2026 (11:00 AM)	20-Apr-2026 (11:30 AM)
2.	I.T Equipment, Audio-Visual Systems & Field Accessories	12.6	21-Apr-2026 (11:00 AM)	21-Apr-2026 (11:30 AM)

Please Note:

- Bidding through EPADS only: https://eprocure.gov.pk
- Complete documents available on EPADS, PPRA & PCRWR websites
- E-bids will be opened on above mentioned time and date in the presence of bidders or their representatives at PCRWR Regional Office, Main University Road, Gulistan-e-Johar, Block-1, Karachi.
- Bidders are required to submit two separate sealed envelopes containing (i) Technical Proposal and (ii) Financial Proposal, along with the Bid Security in the form of Demand Draft/Pay Order submitted separately in another sealed envelope, clearly marked accordingly.
- Valid, NTN & Sales Tax Registration required
- It is Mandatory for Bidders to clearly mention make, model, and country of origin in the Technical Proposal.
- Contract will be awarded to the technically and financially responsive bidder.
- Late, incomplete, or conditional bids will be rejected

Regional Director / Project Director, PCRWR Regional Office Karachi.
Ph: 021-99333717-8, Email: pcrwr.karachi@gmail.com PID(K)3193/25

اطلاع عام

ياران منقولهثروت سلطانه /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم عقيل احمد شناختي ڪارڊ نمبر 4220158421305 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. مشارب احمد (پٽ) 2. معيز احمد (پٽ) 3. نبيل احمد (پٽ) 4. عيشه ناز (ڌيءُ) 5. ثروت سلطانه (زوج) ...

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

ياران منقولهسيد محمد علي جعفري /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم سيد محمد حسنين جعفري شناختي ڪارڊ نمبر 4250185875801 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. ارم زهره (ڌيءُ) 2. اديب فاطمه (زوج) 3. عروسه (ڌيءُ) 4. سيدعرفان حيدرجعفري (پٽ) 5. ...

INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام

ياران منقولهعلي عباس /غير منقوله جائيداد لاءِ وارثي سرٽيفڪيٽ بابت مرحوم آغا احمد حسن شناختي ڪارڊ نمبر 4230108102271 درخواست وصول ٿي آهي. جائيل مرحوم جا وارث ظاهر ڪيا ويا آهن 1. رضيه فاطمه (ڌيءُ) 2. ذڪيه فاطمه (ڌيءُ) 3. زهره بيگم (زوج) 4. علي عباس (پٽ) 5. نرگس فاطمه (ڌيءُ) ...

INCHARGE SFU, NADRA BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA EXECUTIVE SHAHEED BANIZERABAD ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA NSC MURREE ROAD RWP 2 ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA BIG CENTER EAST ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA QASIMABAD ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA SUKKUR CITY ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA LARKANA ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA CLIFTON-DSFU

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA DSFU CLIFTON

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA MIRPUR KHAS ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA MORO ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA KUNRI ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AWAMI MARKAZ, SHAHRA-E-FAISAL ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA MEGA, SEIMENS CHOWRANGI ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA AYESHA MANZIL-DSFU

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA NRC MULTAN ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA NRC MULTAN ONEAPP

اطلاع عام
INCHARGE SFU, NADRA TANDO ADAM ONEAPP

PID (I) 8165/25

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

توانائي بحران ۽ ڪفايت شعاري: وقت جي اهم تقاضا

صفحو 4

راجا زاد اختر خانزاد

ايران جنگ تي سٽيبازي: ڪير بڻجندو ڪروڙ پتي؟

صفحو 4

ٽرمپ جا ڍڪائيندڙ انڪشاف: هاڻ ناپر ٽيڻ گهرجي!

غلام حسين لغاري

صفحو 4

مختيار اٽو

اڄوڪو ڏينهن۔ 08 اپريل

صفحو 4

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات جو سرعام وڪرو، شاگردن جو احتجاج، ڀرپور تحريڪ هلائڻ جو اعلان

ضلعي کي منشيات کان پاڪ ڪرائڻ لاءِ ڀرپور شاگردن احتجاجي مظاهرو ڪيو، نوجوان نسل بچايو جا نعره

ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات نوجوان نسل جون زندگيون ڪسي رهي آهي، هيروئن ۽ آئيس سرعام وڪرو ٿي رهي آهي: علي غلام

هيروئن ۽ آئيس ۾ سوين نوجوان عادي مجرم بڻجي نشو واپرائي روڊن رستن تي فقيري واري زندگي گذاري رهيا آهن، اختياريون خاموش آهن

ٽنڊو محمد خان(ذ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سرعام منشيات جو عام واهپو مين پوڙي گهٽڪي جا اڏا کولڻ آئيس هيروئن ۾ نوجوانن جو مستقبل تباهه شاگردن جو احتجاج ڀرپور تحريڪ هلائڻ جو اعلان خبر موجب ٽنڊو محمد خان کي منشيات کان پاڪ ڪرائڻ لاءِ ڀرپور پيرو شاگردن ٽنڊو محمد خان ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري منشيات جو وڪرو فوري طور بند ڪرائي نوجوان نسل کي منشيات جو عادي ٿيڻ کان بچائڻ لاءِ منشيات بند ڪريو ٽنڊو محمد خان کي منشيات کان پاڪ ڪريو لاءِ نعريبازي ڪئي وئي احتجاج ۾ شامل شاگرد اڳواڻن علي غلام، محب علي، انيس احمد، شعيب حسين، وقار علي ۽ ٻين چيو ته ٽنڊو محمد خان ۾ منشيات نوجوان نسل جون زندگيون ڪسي رهي آهي جنهن ۾ مين پوڙي جا اڏا قائم ٿي ويا آهن هيروئن آئيس ۾ سوين نوجوان عادي مجرم بڻجي نشو واپرائي روڊن رستن تي فقيري واري زندگي گذاري ڪچري جي ڍيرن تي پنهنجي جوان زندگي کي تباهه ڪري رهيا آهن پوليس آئيس جي واپرائڻ ۾ 55 کان وڌيڪ منشيات جي عادين کي پاڻ سان گڏ ڪراچي علاج لاءِ وٺي وئي هئي جنهن ۾ دراب سين جي ذريعي وري اهي ساڳيا منشيات جا عادي ٽنڊو محمد خان پهچي ويا آهن جن جو علاج ٿي نه سگهيو آهي جنهن جي ڪري ٽنڊو محمد خان هاڻي منشيات جو وڏو مرڪز بڻجي ويو آهي جڏهن ته ٽنڊو محمد خان جي بلڙي شاهه ڪريم ۽ ٽنڊو غلام حيدر ۾ به منشيات جا وڏا اڏا قائم آهن جتان سنڌ جي لاڙ پٽي توڙي ٻين علائقن ڏانهن منشيات موڪلي وڃي ٿي، سفينا جا مرڪز ٽنڊو محمد خان ۾ موجود آهن آئيس جو وڪرو ڪٿان ٿئي ٿو جنهن ۾ تعليمي ادارن جي اندر پڻ آئيس شاگردن ۽ شاگرديائين کي هاسٽلن ۾ پهچائي وڃي ٿي جنهن بابت پڻ نوجوان نسل توڙي شاگردن ۽ شاگرديائين جي حياتين کي خطرو آهي ڪيترائي نوجوان هيروئن ۽ آئيس جي واپرائڻ سبب فوت ٿي چڪا آهن ته وري ڪيترائي اپگهات ڪري چڪا آهن جنهن ۾ ٽنڊو محمد خان سنڌ جي ڪراچي کان پوءِ ٻيو وڏو سهراب ڳوٺ بڻجي ويو آهي جتي ڪراچي حيدرآباد جا وڏا منشيات فروش علائقي جي اندر منشيات جي سرپرستي ڪري رهيا آهن. ٽنڊو محمد خان کي هاڻي منشيات کان مڪمل پاڪ ڪيو وڃي جنهن لاءِ ٽنڊو محمد خان منشيات کان پاڪ سري هيٺ اڄ کان مرحليوار احتجاجي تحريڪ شروع ڪئي وئي آهي.

ٽنڊومحمدخان منشيات کان پاڪ ٽنڊومحمدخان عنوان هيٺ احتجاج ڪيو پيو وڃي

عوامي تحريڪ پاران جروار شهر ۾ احتجاجي مظاهرو

تيل جي قيمتن ۾ ڪيل هڏرادو ڳاٽي ٽوڙ واڌ خلاف نعريبازي

هي رڳو قيمتن ۾ واڌ ناهي پر غريب عوام جو معاشي قتل عام آهي: اڳواڻ

سڪر(بيورو رپورٽ) تيل جي قيمتن ۾ ڪيل هڏرادو ڳاٽي ٽوڙ واڌ ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل پاران ايران مٿان مڙهيل جنگ خلاف عوامي تحريڪ پاران جروار شهر ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيان ايڊووڪيٽ سرواڻ جتوئي ۽ شريف ڳبول ڪئي احتجاج ۾ شامل ڪارڪنن پاران حڪمرانن جي عوام دشمن پاليسين پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ ۽ عالمي سامراجي قوتن خلاف سخت نعري بازي ڪئي وئي اڳواڻن خطاب ڪندي ۽ ميڊيا جي نمائندن سان ڳالهائيندي چيو ته حڪمرانن جنگ جو بهانو بڻائي پيٽرول ۽ ڊيزل جي قيمتن ۾ واڌ ڪري غريب عوام جو جيئڻ جنجال ڪري ڇڏيو آهي هي رڳو قيمتن ۾ واڌ ناهي پر غريب عوام جو معاشي قتل عام آهي جنهن ڪين خودڪشين تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي هنن چيو ته حڪمرانن کي ملڪ جي عوام کان وڌيڪ تيل جي عالمي ڪمپنين آءِ ايم ايف، ورلڊ بينڪ، آمريڪي ۽ اسرائيلي مفادن جي پرواهه آهي حڪمران عالمي مالياتي ادارن جا منشي بڻيل آهن ـ اڳواڻن چيو ته ايران هن وقت سڄي ريت جنگ جي گهيري ۾ آهي پر ان جي باوجود اتان جي حڪومت پنهنجي عوام مٿان تيل جو بار نه وڌو آهي، جڏهن ته اسان جا حڪمران رڳو بهانا ڳولي عوام جو رت چوسڻ جا ماهر آهن وفاقي ۽ سنڌ سرڪار پاران سبسڊي جي نالي تي رڳو عوام کي بيوقوف بڻايو پيو وڃي، موٽر سائيڪل سوارن لاءِ نام نهاد ۽ هزار روپين جي سبسڊي هڪ مذاق کان وڌيڪ ڪجهه به ناهي جڏهن ته مهانگائي جو طوفان هزارين روپيا عوام جي کيسن مان ڪيي چڪو آهي عوامي تحريڪ جي اڳواڻن مطالبو ڪيو ته پيٽروليم مصنوعات جي قيمتن ۾ ڪيل ظالمانه واڌ کي فوري طور واپس ورتو وڃي

سکر پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، 3 منشيات فروش گرفتار

سڪر(بيورو رپورٽ) سکر پوليس جون ڪامياب ڪارروايون، ڪيٽيگري A جا ٻن بدنام زمانه منشيات فروش وڏي مقدار ۾ منشيات سميت گرفتار، ڪيس داخل سکر پوليس ترجمان طرفان جاري ڪيل بيان موجب ايس ايس پي سکر اظهر خان جي هدايتن تي سکر پوليس طرفان سماجي برائين ۾ ملوث ماڻهن خلاف زبردست ڪريڪ ڊائون جاري آهي، گڏريل ڏينهن ايس ايڇ او اي سيڪشن پنهنجي حدن اندر ڪامياب ڪارروائي ڪندي A+ڪيٽيگري جي بدنام زمانه منشيات فروش کي چرس سميت گرفتار ڪري ورتو، گرفتار جوابدار جبران عرف جگنو ٻنڌائي جي قبضي مان 2000 گرام چرس برآمد ڪئي وئي، گرفتار ملزم خلاف منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيو ويو.اهڙي طرح ايس ايڇ او ٿاڻي بي سيڪشن دوران اسنيپ چيڪنگ پنهنجي حدن اندر ڪامياب ڪارروائي ڪندي A ڪيٽيگري جي بدنام زمانه منشيات فروش بشارت ڳاڏائي کي چرس سميت گرفتار ڪيو، گرفتار جي قبضي مان 1200 گرام چرس برآمد ڪئي وئي.

حيدرآباد ايس ٽي پي ضلعي صدر خان محمد جوکيو پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

حيدرآباد مان هفتو اڳ ڪنپيل منظور پليپوٽو جو پتو نه پيو

منظور پليپوٽو کي هفتو گذرڻ باوجود بازياب نه ڪيو ويو آهي: اڳواڻ

اسان جي اڳواڻ کي ايس ايس پي شاهزيب چانڊيو جي چرچ تي کنيو ويو آهي

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد ۾ هفتو اڳ پوليس طرفان کنپيل سنڌ ترقي پسند پارٽي اڳواڻ منظور پليپوٽو جو پتو نه پيو، ايس ايس پي آفيس آڏو اڳواڻ جي بازيابي لاءِ ڪالهه ڌرڻي لاءِ پهتل ايس ٽي پي ڪارڪنن جي احتجاج کي روڪڻ لاءِ پوليس اڪالا پهچي ويا. ليڊيز پوليس مقرر ڪئي وئي جنهن دوران ايس ٽي پي اڳواڻ جان محمد جوکيو رستم لاشاري حسن جوکيو ۽ ٻين هنگامي پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته نسيم نگر پڪائي نگر قاسم آباد پوليس ۽ ايس ايس پي جي اسپيشل ٽيم سنڌن پارٽي جي اڳواڻ منظور پليپوٽو کي کنيي ويا آهن جنهن کي هفتو گذرڻ باوجود بازياب نه ڪيو ويو آهي نه وري وارثن سان ملاقات ڪرائي وئي آهي اڳ ۾ پوليس ٻڌايو ته منظور پليپوٽو کي پڪائي نگر پوليس کنيو آهي هنن چيو ته سنڌس اڳواڻ کي ايس ايس پي شاهزيب چانڊيو جي چرچ تي کنيو ويو آهي اڄ ايس ايس پي آفيس ڌرڻي لاءِ سنڌس ڪارڪن پهتا ته سنڌن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان پابندي مڙهيل تنظيم ناهيون پر امن سياسي ڪارڪن آهيون هنن چيو ته حيدرآباد پوليس کي ماڻهو مارڻ جو لائسنس مليل ويو آهي خدشو آهي ته سنڌس اڳواڻ کي مقابلي ۾ ماريو ويندو هنن چتاءُ ڏنو ته سنڌس اڳواڻ کي بازياب نه ڪيو ويو ته سڄي سنڌ ۾ ڌرڻا هنيا ويندا.

ٽنڊي ڪان حيدرآباد ويندڙ سوزڪي مالڪن ۽ ڊرائيورن پاران احتجاج

پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ۽ گهٽ ڪرايي ملڻ خلاف احتجاج ڪيو ويو گاڏيون بند

روزانو پيٽرول جا اگهه وڌي رهيا آهن پر اسان کي ڪرايو اڃا به گهٽ ملي رهيو آهي: مظاهرين

مٽياري(ذ ر) مٽياري کان حيدرآباد ويندڙ سوزڪي مالڪن ۽ ڊرائيورن پاران پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ۽ گهٽ ڪرايي ملڻ خلاف احتجاج طور سوزڪيون بيهاري ڇڏيون ويون آهن جنهن سبب مسافرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو. ڊرائيورن فياض ميمڻ شعيب علي گل ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته روزانو پيٽرول جا اگهه وڌي رهيا آهن جڏهن ته اسان کي ڪرايو اڃا به گهٽ ملي رهيو آهي هنن چيو ته موجوده حالتن ۾ اسان جو خرچ به مشڪل سان نڪري ٿو جنهن ڪري روزگار هلائڻ ڏکيو ٿي پيو آهي هنن وڌيڪ چيو ته جيستائين ڪرايي ۾ واڌ نه ڪئي وئي ته هو پنهنجو ڪم جاري نٿا رکي سگهن. ڊرائيورن اختيارين کان مطالبو ڪيو ته فوري طور تي ڪرايي ۾ واڌ ڪئي وڃي ته جيئن هو پنهنجي خاندانن جو گذر سفر ڪري سگهن. ٻئي پاسي سوزڪيون بند ٿيڻ سبب مسافرن کي متبادل ٽرانسپورٽ نه ملڻ ڪري سخت تڪليفن پيش اچي رهيون آهن ۽ هنن به اختيارين کان مسئلي جو جلد حل ڪڍڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

مٽياري کان حيدرآباد ويندڙ سوزڪي مالڪن ۽ ڊرائيورن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

سکر تعليمي بورڊ تحت نائين ۽ ڏهين جماعت جي جاري امتحانن دوران نقل جا ڪيس رپورٽ

امتحاني نظام ۾ سنگين بي ضابطگين سبب 30 مارچ کان 1 اپريل تائين مجموعي طور 929 نقل جا ڪيس رپورٽ ٿيا

ڪجهه آفيسرن جي ڪارڪردگي انتهائي مايوس ڪندڙ قرار، ڪيترن ئي ٽيم ميمبرن پنهنجي ذميواري صحيح نموني ادا نه ڪئي: رپورٽ

امتحاني نظام ۾ شفافيت برقرار رکڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ نقل جي روڪٿام لاءِ سختي سان ضابطن تي عمل ڪيو پيو وڃي: چيئرمين تعليمي بورڊ

سکر (بيورو رپورٽ) سکر بورڊ آف انٽرميڊيٽ اينڊ سيڪنڊري ايجوڪيشن تحت نائين ۽ ڏهين جماعت جي جاري امتحانن دوران نقل جا ڪيس سامهون آيا آهن بورڊ پاران قائم ڪيل خاص ٽيمن جي رپورٽ جاري ڪئي وئي آهي رپورٽ موجب مختلف امتحاني مرڪزن ۾ مقرر ٽيمن نقل جي درجنين ڪيسن جي نشاندهي ڪئي آهي 30 مارچ کان 1 اپريل تائين مجموعي طور 929 نقل جا ڪيس رپورٽ ٿيا جيڪي امتحاني نظام ۾ سنگين بي ضابطگين کي ظاهر ڪن ٿا. ذريعن مطابق چيئرمين ٽيم جي نگراني هيٺ سڀ کان وڌيڪ نقل جا ڪيس رپورٽ ٿيا جڏهن ته ڪجهه آفيسرن جي ڪارڪردگي انتهائي مايوس ڪندڙ قرار ڏني وئي آهي رپورٽ ۾ اهو به انڪشاف ٿيو آهي ته ڪيترن ئي ٽيم ميمبرن پنهنجي ذميواري صحيح نموني ادا نه ڪئي ۽ هڪ به نقل جو ڪيس رپورٽ نه ڪري سگهيا. ان صورتحال تي چيئرمين تعليمي بورڊ سکر چيو آهي ته امتحاني نظام ۾ شفافيت برقرار رکڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ نقل جي روڪٿام لاءِ سختي سان ضابطن تي عمل ڪيو پيو وڃي هر وڌيڪ چيو ته امتحاني عمل کي صاف ۽ شفاف بڻائڻ لاءِ سمورا دستياب وسيلا استعمال ڪيا پيا وڃن.

گڏاپ ٽائون جي چيئرمين جي مختلف کاتي وارن آفيسرن سان ملاقات

ٽائون ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن، صفائي سٿرائي، نيڪال ۽ ٻين معاملن بابت ڳالهيون

برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن: چيئرمين

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن گڏاپ جي چيئرمين طارق عزيز بلوچ گڏاپ ٽائون آفيس ۾ مختلف کاتي وارن آفيسرن سان هڪ اهم ملاقات ڪئي جنهن ۾ ٽائون ۾ هلندڙ ترقياتي منصوبن، صفائي سٿرائي، نيڪال آب ۽ ٻين بلدياتي معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو.ملاقات دوران ٻين اهم معاملن سان گڏ شهر ۾ ايندڙ امڪاني برساتن کي نظر ۾ رکندي اڳواٽ انتظامن تي پڻ تفصيلي ڳالهيون ڪيون ويون.چيئرمين لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڏني ته برساتي پاڻي جي نيڪال جي نظام کي وڌيڪ مؤثر بڻائڻ لاءِ فوري قدم کنيا وڃن ۽ هيٺاهين علائقن ۾ خاص نگراني رکي وڃي.ان موقعي تي سپرنٽينڊنٽ انجنيئر (ايم اينڊ اي) نور علي جمالي ۽ (اي اي اي) وسيم آرائين چيئرمين کي موجود مشينري، ڊي واٽرنگ پمپس ۽ ٻين وسيلن بابت آگاهه ڪيو ۽ ٻڌايو ته سموري مشينري کي فعال بڻايو ويو آهي.ڊائريڪٽر سينيٽيشن اشرف بلوچ صفائي سٿرائي جي انتظامن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته مختلف علائقن ۾ ڪچرو کڻڻ جي عمل کي تيز ڪيو ويو آهي، نالن ۽ گٽرن جي صفائي جاري آهي جڏهن ته اضافي عملو پڻ مقرر ڪيو ويو آهي ته جيئن برسات دوران ڪنهن به قسم جي رڪاوٽ پيدا نه ٿئي. چيئرمين طارق عزيز بلوچ هدايت ڪئي ته صفائي جي عمل کي وڌيڪ بهتر بڻايو وڃي ۽ عوامي شڪايتن جو فوري ازالو يقيني بڻايو وڃي ته جيئن شهرين کي هر ممڪن رليف فراهم ڪري سگهجي. ان موقعي تي آفيسر ماليات افتخار حسين دايو ڊائريڪٽر پراپرٽي سهيل يار خان، ايڪس اي اين فرمان علي لاشاري، ڊائريڪٽر انفارميشن رضوان صابر، ڊائريڪٽر ايڊورٽائيزمينٽ هدايت الله شيخ، ڊائريڪٽر اسپورٽس طاهر بلوچ، اسسٽنٽ انجنيئر ظفر بلوچ، ارشد بلوچ، ڊپٽي ڊائريڪٽر اينٽي انڪروچمينٽ عاطف بدن اسسٽنٽ انفارميشن شاهه محمد شاهه بي ايس چيئرمين لعل جان نبي سميت ٻيا آفيسر پڻ موجود هئا

ڪراچي ٽي ايم سي گڏاپ چيئرمين طارق عزيز بلوچ اجلاس جي صدارت ڪندي

آل سنڌ ڊمپر ايسوسيئشن تنظيم

سنڌ طرفان جي قيمتن خلاف هاءِ ويز بلاڪ ڪري ڌرڻا هڻڻ جو چتاءُ

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) آل سنڌ ڊمپر ايسوسيئشن تنظيم سنڌ جي اڳواڻن ڊيزل ۽ پيٽرول تيل جي قيمتن خلاف هاءِ ويز بلاڪ ڪري ڌرڻا هڻڻ جو چتاءُ ڏئي ڇڏيو آهي. ان سلسلي ۾ تنظيم جي اڳواڻن ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ملڪ ۾ ايران جنگ جو جواز ڄاڻائي تيل ۽ گئس مهانگو ڪري اسان جي معاش تي ڪرايو ويو آهي. هاڻي تيل مهانگو ٿيڻ جي ڪري آل سنڌ گڏيل ٽرانسپورٽر سخت پريشان آهن. هنن چيو ته هو ڊمپرن وسيلي ريتي بجري حڪومت جي اسڪيمن کي سپلائي ڪن ٿا. هنن چيو ته هاڻ ڊمپر هلائڻ مشڪل ٿي ويو آهي. بجري 10 هزار ۾ ملي رهي آهي. هنن چيو ته اسان لکين روپيا حڪومت کي ٽيڪس ڏيون ٿا. اسان وٽ 3 هزار ڊمپر گاڏيون موجود آهن. هن چيو ته حڪومت سبسڊي جي نالي تي ٺوڳي ڪري رهي آهي. هنن چتاءُ ڏنو ته هاڻ تيل جي قيمت گهٽ نه ڪئي وئي ته اڄ 8 مارچ تي ٽرانسپورٽرن جي احتجاج ۾ شامل ٿيڻ بعد هاءِ ويز بند ڪري ڌرڻا هنيا ويندا.

مٽياري ضلعي ۾ معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ٿيڻ خلاف مظاهرو

ضلعي جي معذور ماڻهن پاران سڪيلڊو اتڙ جي اڳواڻي ۾ مظاهرو ڪيو ويو

سنڌ حڪومت پاران 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا رکيل آهي پر ضلعي ۾ عمل نٿو ڪيو وڃي: مظاهرين

مٽياري(ذ ر) مٽياري ضلعي ۾ معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه ٿيڻ خلاف ضلعي جي معذور ماڻهن پاران سڪيلڊو اتڙ وسيم سولنگي سهيل ميرجت، طيب ملڪ مظفر کوسو غلام عباس ميمڻ جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر مٽياري جي آفيس اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين جو چوڻ هو ته سنڌ حڪومت پاران 5 سيڪڙو معذور ڪوٽا رکيل آهي جنهن تي ٻين ضلعن ۾ عملدرآمد ٿئي ٿو باقي مٽياري ضلعي ۾ معذور ڪوٽا تي عملدرآمد نه پيو ٿئي جيڪا مٽياري ضلعي جي معذورن سان سراسر ناانصافي آهي مظاهرين جو چوڻ هو ته اسان به معاشري جو اهم حصو آهيون اسان کي به آئين تحت پنهنجا حق ملڻ گهرجن ۽ ضلعي ۾ معذور ڪوٽا تي فوري عملدرآمد ڪيو وڃي مظاهرين خبردار ڪيو ته اسان جا مطالبا تسليم نه ڪيا ويا ويا ته احتجاج جو دائرو وسيع ڪيو ويندو جنهن بعد اي ڊي سي ون وقاص ملڪ پهچي مظاهرين سان مذاڪرات ڪري ڪين معذور ڪوٽا تي عملدرآمد جو يقين ڏياري احتجاج ختم ڪرايو

The International Business Forum (IBF) successfully hosted its First Women Chapter Networking Dinner at the Service Mess Club, bringing together over 200 accomplished women from diverse corporate and professional backgrounds. The event marked an important step in IBF's mission to promote women's empowerment and strengthen cross-industry collaboration. It provided a dynamic platform for networking, knowledge exchange, and celebrating the achievements of women leaders. Guest speakers Abeer Saleem and Munazza Khan delivered insightful addresses, sharing perspectives on leadership, professional growth, and empowerment. The success of the event was made possible through the support of Patron-in-Chief Haji Anis Arfa and the dedicated efforts of the Managing Committee, including Syed Khurram Anis, Hassan Akhtar Khan, Azim Adil Shaikh, and Shaikh Aamir Zafar. Contributions from Premier Members Mohammad Hassan Naeem and Hassan Munami were also acknowledged. Special recognition was awarded to Women Chapter Coordinator Saman Khan for her professionalism and outstanding efforts in organizing the event. IBF Founder and Chairman Ali Arsh Khan expressed his appreciation to all participants, emphasizing that the event reflected the strength, diversity, and leadership of women across various sectors, while reinforcing IBF's vision of inclusive growth. The evening concluded on a high note, reaffirming IBF's commitment to creating opportunities for women and fostering an inclusive professional environment in Pakistan.

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هيءَ اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو ڀٽائي پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

اربع 08 اپريل 2026ع

توانائي بحران ۽ ڪفايت شعاري: وقت جي اهم تقاضا

جنگين جا نتيجا سدائين تباهي، افراتفري ۽ انساني ڏکن جي صورت ۾ سامهون ايندا آهن ۽ اڄ جي دنيا به اهڙي ئي صورتحال مان گذري رهي آهي. عالمي سطح تي وڌندڙ تڪرارن ۽ ممڪن فوجي ڇڪتاڻ نه رڳو سياسي عدم استحڪام کي جنم ڏنو آهي، پر ان سان گڏوگڏ معاشي نظام کي به لوڏي ڇڏيو آهي. ڪيترن ئي ملڪن کي پيٽروليم شين جي کوٽ کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، جڏهن ته ڪيترائي ملڪ شديد معاشي بحرانن ۾ ڦاٿل آهن. اهڙي پسمنظر ۾ هيءَ اميد ضرور ڪئي پئي وڃي ته عالمي طاقتون جنگبنديءَ طرف وڌنديون پر جيڪڏهن طاقتور ملڪن جي انا ۽ بالادستيءَ جي خواهش غالب رهي ته حالتون وڌيڪ خراب ٿي سگهن ٿيون. اهڙي عالمي بحران جو اثر پاڪستان سميت ترقي پذير ملڪن تي وڌيڪ شدت سان پوي ٿو ڇو ته اسان جهڙن ملڪن وٽ نه رڳو توانائي جا وسيلا محدود آهن پر معيشت به اڳ ۾ ئي ڪيترن چئلينجن کي منهن ڏئي رهي آهي. تنهن ڪري ضروري آهي ته اسان پنهنجي روزمره جي زندگيءَ ۾ تبديليون آڻيون، جيئن ايندڙ ممڪن بحرانن کي منهن ڏئي سگهجي. هيءُ وقت آهي ته اسين پنهنجي بگڙيل عادتن کي سڌاريون ۽ ڪفايت شعاريءَ کي پنهنجي زندگيءَ جو حصو بڻايون.

اسان جي سماج ۾ دير سان سمهڻ ۽ دير سان اٿڻ جي عادت عام ٿي چڪي آهي جنهن جي نتيجي ۾ رات دير تائين بجليءَ جو استعمال وڌي وڃي ٿو جيڪڏهن اسان واقعي توانائي بچائڻ چاهيون ٿا ته پوءِ صبح سوير ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ شام جو سج لهڻ کان پوءِ بازارون بند ڪرڻ جي روايت کي ٻيهر زنده ڪرڻو پوندو. هي قدم نه رڳو بجليءَ جي بچت ۾ مدد ڏيندو پر سماجي ۽ معاشي سرگرمين ۾ به نئون نظم آڻي سگهي ٿو ان حوالي سان پنجاب حڪومت پاران کنيل قدم قابلِ ذڪر آهن وزيراعليٰ مريم نواز جي هدايتن تي صوبي ۾ ڪفايت شعاريءَ جا قدم لاڳو ڪيا ويا آهن جن تحت مارڪيٽون ۽ شاپنگ مالز رات 8 وڳي بند ڪيا ويندا جڏهن ته شادي هالز ۽ ريسٽورنٽس لاءِ به وقت جي پابندي مقرر ڪئي وئي آهي. ان سان گڏ سرڪاري گاڏين جي فيول ڪوٽا ۾ 50 سيڪڙو گهٽتائي، نيون گاڏيون خريد ڪرڻ تي پابندي ۽ سرڪاري گڏجاڻين کي آن لائن پليٽ فارمز تي منتقل ڪرڻ جهڙا قدم به کنيا ويا آهن. هن سلسلي ۾ سنڌ سرڪار کي به پنهنجي پاليسي واضح ڪرڻ گهرجي. اِها ان لاءِ به ضروري آهي جو ويجهي ماضيءَ ۾ عالمي وبا جي ڏکاين دوران سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه رهنمائيءَ وارو ڪردار ادا ڪيو هو. هِن ڀيري اُهي ساڳيون سرگرميون ڏسڻ ۾ نه ٿيون اچن اِئين محسوس ٿي رهيو آهي. جهڙوڪر سنڌ جي وڏي وزير کي رهنمائيءَ واري ڪردار کان روڪيو ويو هُجي. بهرحال حڪومتي سطح تي سادگي اختيار ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ڇو ته عوام سدائين حڪمرانن جي پيروي ڪندو آهي. جيڪڏهن حڪمران پاڻ ڪفايت شعاري اختيار ڪندا، غير ضروري پروٽوڪول ختم ڪندا ۽ فضول خرچين کان پاسو ڪندا ته ان جو اثر عوام تي به ضرور پوندو. پر سوال اهو آهي ته ڇا اسان هڪ قوم طور بحرانن کي سمجهي گڏيل طور تي حل ڳولڻ لاءِ تيار آهيون يا نه؟ توانائي جو بحران رڳو حڪومتي پاليسين سان حل ٿي نٿو سگهي، پر ان لاءِ هر شهري کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. گهرن ۾ بجليءَ جو غير ضروري استعمال گهٽائڻ، پاڻي جي بچت ۽ سادگيءَ کي اختيار ڪرڻ اهڙا قدم آهن جيڪي هر ماڻهو پنهنجي سطح تي کڻي سگهي ٿو. اسين سمجهون ٿا اهو چوڻ بيجا نه ٿيندو ته موجوده حالتون اسان لاءِ هڪ آزمائش آهن. جيڪڏهن اسان وقت سر سجاڳ ٿي وياسين ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ سادگي ۽ نظم آندو ته نه رڳو موجوده بحران مان نڪري سگهنداسين پر مستقبل ۾ به مضبوط ٿي سامهون ايندا سين. پر جيڪڏهن اسان لاپرواهي جاري رکي ته پوءِ ايندڙ ڏينهن وڌيڪ ڏکيا ٿي سگهن ٿا. هاڻي فيصلو اسان جي هٿ ۾ آهي ته اسين ذميواريءَ جو مظاهرو ڪريون يا حالتن جي رحم و ڪرم تي هلندا رهون.

ٽڊو ٽورو: سماجي روين ۾ وڌندڙ بي حسي ۽ سچائيءَ جو سوال!



عبدالله عثمان مورائي

سنڌي سماج ۾ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ رڳو اکر ناهن ۽ ڪڏهن ڪڏهن انهن لفظن جو صرف لغوي مطلب ناهي هوندو پر اهي لفظ اسان جي هزارين سالن جي تهذيب، ثقافتي روح، نفسيات، احساسن جي دنيا ۽ سماجي ورثاءَ جا آئينو هوندا آهن جن ۾ روين جو عڪس لڪل هوندو آهي اهڙن ئي لفظن مان هڪ اصطلاح چوڻي يا ٻهاڪو آهي ’ٽڊو ٽورو‘ ظاهري طور تي اهو لفظ هڪ سادي سماجي رسم لڳي ٿو پر ان جي گهرائيءَ ۾ وڃبو ته معلوم ٿيندو ته اهو اسان جي بدليل سماجي قدرن ۽ مصنوعي اخلاق جي هڪ دردناڪ تصوير آهي ۽ پنهنجي اندر انساني روين جي هڪ وڏي سچائي بيان ڪري ٿو.

ٽڊو ٽورو ڇا آهي؟: سنڌي ثقافت ۾ مهمان نوازي ۽ خلوص کي بنيادي حيثيت حاصل آهي پر جڏهن ان خلوص مان گرمجوشي ۽ سچو جذبو نڪري وڃي ۽ رڳو هڪ اٺوري يا بي دليءَ واري آڇ وڃي بچي ته ان کي ’ٽڊو ٽورو‘ چئبو آهي ان جو مطلب آهي ته مهاڄري تي ته اخلاق ڏيکاريو وڃي پر دل ۾ ان ڪم کي ڪرڻ جو ڪو سچو ارادو نه هجي يعني رڳو رسميت ...

ايران جنگ تي سٽيبازي: ڪير کٽجندو ڪروڙ پتي؟

آمريڪا جي فضائن مان

راجا زاهد اختر خانزاده

جڏهن مان هي ڪالم لکي رهيو آهيان ته آمريڪا جي صدر پاران ايران کي ڏنل 48 ڪلاڪن جي الٽيميٽم مان ويهه ڪلاڪ باقي آهن پر وقت جو اهو حساب رڳو گهڙيءَ ۾ نه هلي رهيو آهي، اهو دنيا جي اعصابن ۾ ڊوڙي رهيو آهي. ان دوران جنگي ماهر پنهنجا نقشا کولي ويٺا آهن، صحافي پنهنجا تجزيا لکي رهيا آهن ۽ عالمي ميڊيا هن لمحي کي هڪ فيصلائتو موڙ قرار ڏئي رهي آهي پر هن فيصلي جي نتيجي بابت ڪو يقين ناهي، رڳو اندازا آهن، رڳو امڪان آهن، رڳو اهي رستا آهن، جيڪي اڃا نهيا به ناهن پر جن بابت ڳالهيون ٿي رهيون آهن. ڪي چون ٿا ته جنگ وڌندي، ڪي چون ٿا ته محدود رهندي، ڪي چون ٿا ته ڳالهين جو ڪو رستو نڪري سگهي ٿو، پر هڪ ڳالهه تي لڳ ڀڳ سڀ متفق آهن ته اهڙو الٽيميٽم فوري نتيجو ڏيڻ لاءِ ناهي هوندو پر اهو دٻاءُ وڌائڻ لاءِ هوندو آهي. اهي طاقت ڏيکارڻ لاءِ هوندا آهن. اهي جملا هوندا آهن، جيڪي ميز تي ڇيا ويندا آهن ته جيئن سامهون ويٺل ماڻهو پنهنجي ڪرسيءَ تي سڌو ٿي ويهي رهي پر هن ڀيري ڪهاڻي رڳو ايتري ناهي. ڪو وقت هوندو هو، جڏهن اسين ننڍپڻ ۾ ڪرڪيٽ جا ميچ ڏسندا هئاسين ته اڪثرائا ڳالهه ٻڌڻ ۾ ايندي هئي ته ڪرڪيٽ ۾ سٽيبازي ٿيندي آهي ته ڪجهه ...

جونيئر جو نالو به سامهون اچي ٿو جيڪو هن ڪمپنيءَ جو باني ته ناهي پر ان جي ايڊوائزري بورڊ سان لاڳاپيل آهي ۽ سيڙپڪاريءَ جي ذريعي ان ۾ دلچسپي رکي ٿو. جنهن سان اهو تاثر وڌيڪ مضبوط ٿئي ٿو ته سياست، سرمايو ۽ ٽيڪنالاجي هاڻي هڪ ئي دائري ۾ گڏ ٿي رهيا آهن. اهڙي طرح جنگ، جيڪا ڪڏهن الميو هوندي هئي، هاڻي هڪ موقعو بڻجي وئي آهي، ڪنهن لاءِ خطرو، ڪنهن لاءِ منافعو. جيڪڏهن وڌيڪ گهرايون ڏسون ته تصوير وڌيڪ واضح ٿي وڃي ٿي ته ڪجهه مارڪيٽن ۾ رڳو هن ڳالهه تي ڏهاڪن ملين ڊالر لڳل آهن ته ڇا آمريڪا ايران خلاف سڌي ڪارروائي ڪندو يا نه. ڪجهه هنڌن تي 50 ملين ڊالر تائين صرف هن سوال تي لڳي چڪا آهن ته ايندڙ حملو ڪير ڪندو؟ ۽ سڀ کان دلچسپ يا شايد سڀ کان خوفناڪ ڳالهه اها آهي ته ماڻهو جنگ جي شروعات کان وڌيڪ ان جي انجام تي شرط لڳائي رهيا آهن. ڇڻ اهي ڪنهن راند جو نتيجو ڏسي رهيا هجن، ڇڻ اهو ڪو ميچ هجي، ڪو مقابلو هجي، جنهن ۾ آخرڪار ...

هيءُ اهو دور آهي، جتي جنگ خبر نه رهي، تماشو بڻجي رهي آهي ۽ هن تماشي ۾ هر ڪو ڏسندڙ به آهي ۽ ڪنهن حد تائين حصو وٺندڙ به. اڳ زماني ۾ فيصلا رت سان لکيا ويندا هئا. قربانين سان ميدانن ۾ پر اڄ اهي فيصلا ڊالر سان لکيا پيا وڃن ۽ هن ڀيري قلم ڪنهن سپاهيءَ جي هٿ ۾ ناهي پر هڪ trader جي هٿ ۾ آهي، جيڪو اسڪرين اڳيان ويهي هڪ بٽڻ دٻائي اهو طئي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي ته سڀاڻي ڇا ٿيندو؟ شايد اها ئي هن دور جي وڏي سچائي آهي ته طاقت رڳو هٿيارن سان نه پئسي سان به نهي ٿي ۽ شايد ان ڪري به وڌيڪ ان يقين سان ته سڀاڻي ڇا ٿيڻ وارو آهي ۽ جڏهن دنيا جو مستقبل به خريد ۽ وڪري جي شيءِ بڻجي وڃي.

... دنيا جا ماڻهو VPN ۽ ڪرپٽو ڪرنسيءَ جي ذريعي انهن پليٽ فارمز تائين رسائي حاصل ڪري سٽيبازيءَ جو حصو بڻجي رهيا آهن. هن سڄي نظام ۾ آمريڪي صدر جي پٽ ڊونلڊ ٽرمپ ...

... ڪٿيندو پر اهو ٿيندو ته انسان ڪٿي هارائي رهيو آهي؟ شايد اهو ئي اهو لمحو آهي، جتي اسان کي بيهي ڪري پاڻ کان پڇڻو پوندو ته جيڪڏهن هر شيءِ جي قيمت لڳي سگهي ٿي ته ڇا انسان جي قدر به محفوظ رهي سگهي ٿي؟ يا اسان هڪ اهڙي دنيا ۾ داخل ٿي چڪا آهيون، جتي هر شيءِ جي قيمت آهي پر ڪنهن به شيءِ جي اصل قيمت ناهي. جنهن ۾ آخرڪار ڪو ڪٽيندو ۽ ڪو هارائيندو.

ٽرمپ جا ڌڪائيندڙ انڪشاف: هاڻ ٿا پر ٽيڻ گهرجي!

غلام حسين لغاري

ايران جي خوف ۾ ورتل آمريڪا جي صدر ٽرمپ جو هڪ ڌڪائيندڙ بيان سامهون آيو آهي جنهن ۾ هن جو چوڻ آهي ته آمريڪا ايران ۾ ڏڦيڙ پيدا ڪرڻ ۽ گهرو ويڙهه لاءِ پنهنجا هٿياربند فوجي ايران موڪليا هئا، جن جو ڪوبه پتو ناهي هٿيارن سميت گم آهن ٽرمپ جي اهڙي بيان آمريڪا جون ٿيتون ظاهر ڪري ڇڏيون آهن ۽ هاڻ پڪ ٿي وئي آهي ته ايران اسرائيل ۽ آمريڪا جي جنگ کان اڳ ايران ۾ حڪومت مخالف ريليون انهيءَ سازش جو حصو هيون، جنهن جو مقصد رجيم چينج هو جنهن ۾ ناڪامي رسڻ بعد آمريڪا اسرائيل کي اڳيان آڻي ايران تي اوچتا حملا ڪري جنگ ڇيڙي ڇڏي آهي جنهن ۾ ايران جي مک سولين ۽ عسڪري قيادت کي ميدان تان هٽائي ته ڇڏيو پر ان جا نتيجا آمريڪا ۽ اسرائيل کي ايران جي سخت مزاحمت سان ڀوڳڻا پيا ۽ پئجي رهيا آهن ۽ ناهه لاءِ آتا آهن.

ٽرمپ جي ڳالهين ۽ انڪشافن مان لڳي ٿو ته دنيا جي جن به ملڪن ۾ ماضيءَ ۾ رجيم چينج لاءِ ڏڦير پيدا ٿيندا رهيا آهن انهن ۾ آمريڪا جو هٿ ۽ انجا جا موڪليل هٿرادو ماڻهو شامل رهيا آهن پر گهڻو ڪري اهي انهن ملڪن جا ئي هٿ ٺوڪيا مقامي خريد ڪيل ماڻهو ئي هوندا آهن ته جيئن ڪنهن کي به ڪو شڪ نه ٿئي ته ان ۾ آمريڪا جو هٿ آهي. آمريڪا دنيا جو چالاڪ شطرنج جي راند جيان کيڏائي ملڪ آهي جيڪو پنهنجا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ دنيا جي مخالف ملڪن خلاف، جيڪي سندس حڪم ناهن مڃيندا يا وري شڪ هوندو اٿن ته اهي مخالف طاقتور ملڪن ڏانهن جهڪاءُ رکن ٿا، انهن ملڪن ۾ گهرو ويڙهه ڪرائي يا حڪومت مخالف مظاهرا ڪرايا ويندا آهن. جنهن جو نتيجو اهو نڪرندو آهي ...

... متحد آهي پنهنجي ملڪ ۽ پنهنجي قيادت سان وفادار آهي ٽرمپ جو اهو بيان ته هن جا هٿياربند ماڻهو هٿيارن سميت ايران ۾ گم آهن آمريڪا ۽ ٽرمپ جي ناڪاميءَ جو ثبوت آهي پاڪستان ۽ پاڪستان جي حڪومت توڙي ان جي عسڪري قيادت ثيالثي ڪري رهيا آهن پر ٽرمپ جو ضد به پنهنجي جاءِ تي آهي جيڪو خود پنهنجي عوام هٿان سخت تنقيد ۽ پيدا ٿيل مظاهرن جو شڪار ۽ انهن جي زد ۾ اچي چڪو آهي جو اتي جو مسلسل آمريڪي فوجين جو ميتون پهچن ٿيون ۽ آمريڪي جنگي جهاز تباهه ٿي چڪا آهن بهرحال هاڻ گهڻو ڪجهه ٿي چڪو آهي وڌيڪ خونريزي ته ٿيڻ گهرجي امن ۽ صلح طرف وڃڻ گهرجي جنهن لاءِ ٻنهي ڌرين کي ٿاپر کان ڪم وٺڻ گهرجي

لطيفي لاٽ ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

گهڙو ڀڳو ته گهورئو، تان ڪِي تر هِنيَان،
اَدَبُ اڪَرِيَنِ ڪي، ڏِهَاڙِي ڏِيَان،
مُونکي مَيهَارَ مِيان، سَٽُون سُونهَايو پَيچِرَو.

هِنيان = اي دل اي هِنيان / ادب = (جمع- آداب) فضيلت، خلقُ عزت، پر هتي لطيف سائينءَ تنبيهه، مهين فهمائش سيڪيت طور ڪم آندو آهي / ڏهاڙي = وري وري، هر روز، روزانو / ميهار = سهڻي جي محبوب جو نالو / ميان = مانائتو، عزت وارو، سائين / سونهايو = واقف ڪرايو، ڏيکاريو / پيچرو = رستو، واٽ، گس (سر سهڻي، مرتب ڀاٽهون خان شيخ)

جڏهن سهڻيءَ کان وسيلا هليا وڃن ٿا، ته هوءَ بي پهچ ٿي پئي ٿي پر پوءِ به همت نٿي هاري، ڪنهن ڏانهن مدد لاءِ نٿي وڃهائي. هوءَ پنهنجي اندر کي دل من کي چئي ٿي ته اي دل اي هِنيان هاڻ توهان کي ئي پنهنجي آڌار تي تري درياهه اڪرڻو آهي ٻيو ڪو آسرو ڪونهي هن جي اکين کي تنبيهه ٿيل هئي ته ڏيهاڙي ميهار ڏسڻ لاءِ ان سان ملڻ لاءِ انهي گس تان گذرڻو آهي ٻيو ڏگ ناهي. فقط ان سان ئي هلبو جنهن تان ميهار ملي هاڻي جي گهڙو ڀڳو ته گهوريو، اهو ڏگ مانائتي محبوب ميهار جو ئي ته ڏيکاريل آهي جڏهن به مشڪلاتون اچن ته گهبرائڻ بنا همت کان ڪم وٺجي پنهنجي دل من کي تسلي ڏئي اڳتي وڌجي ته يقينن منزل ماڻي سگهجي ٿي (تحقيق ۽ ترتيب : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن - 08 اپريل

مختيار آزر

گورنمينٽ گرلس هاءِ اسڪول موري مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج دولت پور مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سماجيات جي شعبي ۾ ماسٽر آف آرٽس جي سند حاصل ڪيائين چار ڇنم تني چار کان ئي لکڻ پڙهڻ سان واڳيل رهي پنهنجي اسڪول ۾ ٿيندڙ مختلف پروگرامن جي ڪمپيئرنگ تمام خوداعتمادي سان ڪندي هئي شاعريءَ جو شوق به ننڍي هوندي کان ئي هئس سائين راشد مورائي مرحوم محمد لائق زرداري ۽ رسول بخش گجيرائيءَ جهڙن ڪهنه مشق اديبن جي سرپرستيءَ ۾ هڪ پڪي ۽ پختي ليکڪا ۽ شاعره بڻجي وئي سنڌيءَ سان گڏ اردو، سرائڪي پنجابي ۽ انگريزيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿس سندس ڪالم، مضمون ۽ مقالا سنڌ جي مختلف رسالن ...

هو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور مان جاري ٿيندڙ تحقيقي رسالي ”پٽائي“ جو چيف ايڊيٽر پڻ رهيو هو هڪ شاعر ۽ مضمون نگار طور ادبي حلقن ۾ مشهور هو. سندس ڪيترائي مضمون ۽ مقالا مختلف رسالن ۾ شايع ٿيا سندس ڪتابن ۾ ”تجريدي نظم“ (شاعري)، ”پٽائي ٻڪ هڙتال تي“، ”سڄل جي سيٽي ۽ سنگرام“، ”شيخ اياز ڌوهي آهي“ ۽ ”منهنجي جواني ڪنهن به موسم ته جورائي“ (شاعري) شامل آهن هن 9 مارچ 2010ع تي وفات ڪئي

جمال الدين مومن

اڄ مشهور اديب ۽ استاد جمال الدين مومن جي جنم جو ڏينهن آهي هو 8 اپريل 1932ع تي هوٽ خان خاصخيليءَ جي گهر توان جتوئيءَ ۾ ڄائو هن اديب سنڌيءَ جو امتحان پاس ڪيو ۽ بي اي، ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون هن پرائمري اسڪول جي استاد طور عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ۽ مختلف اسڪولن جو هيڊماسٽر رهيو ڪجهه عرصو سڪرنڊ ۽ موري ۾ پرائمري تعليم جو سپروائيزر پڻ رهيو 1969ع ڌاري هن پنهنجي ڳوٺ توان جتوئيءَ ۾ مصطفيٰ اورينٽل ڪاليج قائم ڪيو جيڪو اڳتي هلي ڊگري ڪاليج ٿيو هن مومن پبليڪيشن جو بنياد رکي ڪيترائي ڪتاب ڇپرايا. هو ڪيترين ئي ادبي ۽ سماجي تنظيمن جو روح روان رهيو، جن ۾ بزم نياز، بزم احباب، بزم صابر، ايجوڪيشن سوسائٽي توان جتوئي ۽ خاصخيلي جماعت شامل آهن هن ڪيترائي ڪتاب تصنيف ۽ ترجمو ڪيا، جن ۾ سچل جا سنيها، پيرل فقير جي شاعري، ساهتيءَ جا سرواڻ ۽ سخن صابر شامل آهن

فيض ٻگهيو

پاڪستان ٽيليويزن جي پيشڪار فيض ٻگهئي 8 اپريل 1946ع ۾ لاڙڪاڻي ضلعي جي شهر ڏوڪريءَ ويجهو ڳوٺ ڪاراڻيءَ ۾ اکيون کوليون هن ابتدائي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ اڳتي هلي اسلامي تاريخ ۽ بين الاقوامي لاڳاپن وارن ڪاتن ۾ ماسٽر ڊگريون حاصل ڪيون 1974ع ۾ پاڪستان ٽيليويزن تي ...

محمد حسن پٺو

محبوب علي سمون

قمر سومرو

عبدالحسين ساريو

صوفي علي محمد فقير ٽالپر

ڪيدارداس ڦاني

انعام تڪڙائي

مرچند لوڌ

چاهر صنم سنڌي

ملڪ نذير

شاعر هو سندس شاعريءَ ۾ گيت، ڪافيون، بيت، پنج ڪڙا، غزل ۽ رباعيون شامل آهن هن بهترين سنڌي فلم ايڪتا لاءِ گيت به لکيا. هن جي ڇپيل ڪتابن ۾ ريڊيو راڳ (ريڊيو لاءِ لکيل گيت)، سامونڊي لهرون (شاعري)، سک، سوز ۽ ساز (شاعري)، خزان جي خوشبوءِ پيلا پن (شاعري)، مڪتي مرگ، ڀڄتاءُ جا ڳوڙها ۽ سمنڊ سمايو ...





"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
(روبرو جناب جي سورج)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات ڪومل فاطمه ڌي رمضان زال شاهنواز ذات لغاري رهندڙ نزد رحمان منزل ڪنري ضلعو عمرڪوٽ ..پلينٽف..بخلاف.. شاهنواز ولد حاڪم ذات اٺو (فقير) رهندڙ نزد مصري شاهه درگاهه شريف ڪنري ضلعو عمرڪوٽ.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري
(روبرو جناب جي سورج)
فيملي سوٽ نمبر سال 2026

مسمات گل پري زال ساحل علي ڌيءِ محمد نوح ذات خاصخيلي رهندڙ سجل ڪالوني ڪنري ضلع عمرڪوٽ ..پلينٽف..بخلاف.. ساحل علي ولد احسان علي ذات خاصخيلي رهندڙ محلهِ محمد شاهه جيلاني وارڊ نمبر 1 ڏگهڙي ستي ضلعو ميرپورخاص.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سول/ فيملي جج ڪنري

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه
فيملي سوٽ نمبر 20 سال 2026

مسمات سيما زال فدا حسين ڌيءِ غلام حيدر پاهي ويٺل ڳوٺ هوري تعلقو ڪي اين شاهه ضلعو دادو ..پلينٽف..بخلاف.. فداحسين ولد سرور ذات ڏهر ويٺل ڳوٺ ٻڙو تعلقو ميهڙ ضلعو دادو.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 08-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سيڪنڊ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه
فيملي سوٽ نمبر 25 سال 2026

مسمات سلمه ڌيءِ الهه ڏنو رهندڙ پاڙو وارڊ نمبر 5 سيتا روڊ ڪي اين شاهه ..پلينٽف..بخلاف.. عرفان عباس پٽ قمرالدين عباسي.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 09-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج ڪي اين شاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج IV حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 599 سال 2026

مسمات صائمه ڌيءِ عبدالفتاح رهندڙ ڳوٺ سنجهار ملاح قاسم آباد حيدرآباد سيل نمبر 03003302733 ..پلينٽف..بخلاف.. غلام مهدي ولد غلام شبير رهندڙ روهڙي آبي جروار تعلقو روهڙي ضلعو سکر.. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 23-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج IV حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب ايڊيشنل سيشن جج Vth حيدرآباد
سول اپيل نمبر 44 سال 2024

غلام حسين ۽ ٻيا ..اپيلانٽ..بخلاف.. الله رکيو گوپانگ ۽ ٻيا (1) محمد سليم ولد الله رکيو گوپانگ (2) محمد نذير ولد الله رکيو گوپانگ (3) محمد وسيم ولد الله رکيو گوپانگ (4) مسمات زبيده ڌيءِ الله رکيو گوپانگ رهندڙ ڳوٺ هادي بخش گوپانگ ديهه سکيور ضلعو حيدرآباد.. ريسپونڊنٽس

نالي مٿئين ريسپونڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين اپيلانٽ سول اپيل زير قلم 96 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 15-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

ايڊيشنل سيشن جج Vth حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه
ايف سي سوٽ نمبر 316 سال 2025

عبدالخالق ڪوڪر ولد حاجي عامر خان رهندڙ وارڊ نمبر اي منو آباد نوابشاهه..پلينٽف..بخلاف.. (1) ڊي سي شهيد بينظير آباد (2) سٽي سروي آفيسر نوابشاهه (3) محمد عمران (4) مسمات صغران (5) خالده پروين (6) فهميده پروين سڀ پٽ ڌيئرون حاجي عامر خان (7) مسمات خديجه بيگم بيواهه حاجي عامر خان .. ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين پلينٽف سوٽ فار ڊڪليريشن، پارٽيشن اينڊ انجڪشن زير قلم VII رول 1 سي پي سي ۽ زير قلم 39 رول 1 ۽ 2 سي پي سي تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 21-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سينئر سول جج نوابشاهه

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ سول / گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا
(روبرو جناب علي حسن مري)
گارڊين درخواست نمبر 15 سال 2026

عابد علي ولد غلام شبير (مرحوم) ذات ڏاهري رهندڙ ڳوٺ سنڌلاڻ هالا نيو ضلعو مٽياري..ايپليڪينٽ..بخلاف (1) سجاد علي ولد غلام شبير (2) رخسانه ڌيءِ غلام شبير (3) رضوانه ڌيءِ غلام شبير رهندڙ سيريل نمبر 1 کان 3 مسلم بالغ رهندڙ ڳوٺ سنڌلاڻ هالا نيو ضلعو مٽياري (4) ريحانه ڌيءِ غلام شبير (عمر 17 سال) مائٽر معرفت سجاد علي اپوننٽس نمبر 1 رهندڙ ڳوٺ سنڌلاڻ هالا نيو ضلعو مٽياري (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج .. اپوننٽس

نالي مٿئين اپوننٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿئين ايپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ 1890 تحت درخواست داخل ڪئي آهي صغيرن جي گارڊين جي مقرري بابت تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 16-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا. توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول / گارڊين جج اينڊ جي ايم II هالا

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي خان محمد ولد محمد رحيم جتوئي درخواست ڏني آهي ته هن جو پيءُ نالي محمد رحيم ولد قيصر خان جتوئي جيڪو فوت ٿي ويل آهي فوتي کي ديهه اوجهري بخشا تعلقي بدين ۾ سروي نمبر 237 ۽ ٻين مان ايراضي حصي موجب رڪارڊ موجب آهي جنهن جو فوتي کاتو جائز وارثن ۾ بدلايو وڃي جنهن جي فوتي ڪاتي لاءِ جلسي عام ڳوٺ چاڪر خان جتوئي تعلقا بدين ۾ ڪيو ويو آهي اتهي سلسلي ۾ جلسي عام ڪري ٻن شاهدن کان بيان ورتا ويا آهن جنهن مان ظاهر ٿيو ته فوتي جا جائز وارث هيٺيان آهن تفصيل فوتي محمد رحيم ولد قيصر خان جي جائز وارثن جو نالا وارثن جا 1 اشرف پٽ فوتي جو 2 خان محمد پٽ فوتي جو 3 عبدالغني پٽ فوتي جو 4 غلام مصطفيٰ پٽ فوتي جو 5 چڱي ڌيءِ فوتي جي 6 زيبو ڌيءِ فوتي جي 7 آمنت ڌيءِ فوتي جي 8 رضيه ڌيءِ فوتي جي 9 عائشه ڌيءِ فوتي جي 10 فاطمه ڌيءِ فوتي جي 11 ڪرمي ڌي فوتي جي جائز وارث ڄڻيا آهن تنهنڪري هر عام و خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته مٿين ڄاڻايل فوتي جي وارثن بابت اگر ڪنهن به ماڻهو کي ڪنهن به قسم جو اعتراض هجي ته هن اشتهار جي ڇپجڻ جي ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض ثبوتن سميت اسانجي آفيس ۾ پيش ڪري ٻي صورت ۾ معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو جائز وارثن جي حق ۾ ڪيو ويندو پوءِ ڪوبه اعتراض ٻڌڻ ۾ ن ايندو

مختيارڪار روينيو تعلقو بدين

عام اطلاع

هر خاص ۽ عام کي اطلاع ٿو ڏجي ته عرضدار اڄر ولد محمد حسن ڪيڙو اسان کي درخواست ڏني آهي ته هيٺ ذڪر ڪيل فوتين جي سنڌن حصي موجب زرعي زمين سروي نمبر 83، 84، 86، 87، 306 ۽ ٻيا، ديهه هٽڙي ٽپو هٽڙي تعلقه حيدرآباد ۾ آهي جن جا فوتي کاتا سنڌن جائز وارثن ۾ ڪري ڏنا وڃن فوتڻ مسمات سوني زال يار محمد جيڪو مورخ 20.03.2005 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث مسمات راڃي (ڌي)، مسمات خاتون (ڌي). فوتڻ مسمات راڃي زال علي بخش ڌي يار محمد جيڪو مورخ 05.01.1998 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث علي بخش (مڙس)، اڄر (سئوٽ)، مسمات خاتون ڌي يار محمد فوتي علي بخش ولد محمد حسن جيڪو مورخ 12.12.2018 تي فوت ٿي ويو جنهن جا وارث الله بچايو (پٽ)، گل حسن (پٽ)، محمد حسن (پٽ)، قادر بخش (پٽ)، محبوب علي (پٽ)، منظور علي (پٽ)، مسمات صاحبزادي (ڌي)، مسمات شهزادي (ڌي)، ٿجائي (زال). فوتڻ مسمات خاتون ڌي يار محمد زال شير محمد جيڪو مورخ 12.12.2018 تي فوت ٿي وئي آهي جنهن جا وارث اڄر (سئوٽ)، شير محمد (مڙس). فوتي شير محمد ولد محمد حسن جيڪو مورخ 28.02.2010 تي فوت ٿي ويو آهي جنهن جا وارث سومر خان (پٽ)، نياز (پٽ)، اعجاز (پٽ)، غلام شبير (پٽ)، مسمات سلميٰ (ڌي)، مسمات سيم (ڌي)، مسمات حضوران (بيوه) جن جي نالن تي فوتي کاتا تبديل ڪرڻ لاءِ درخواست ڏني آهي جيڪڏهن مٿئين وارثن ڪانسواءِ فوتي جو ٻيو ڪوبه جائز وارث هجڻ جي دعوي ڪري ٿو يا ڪيس فوتي کاتا تبديل ڪرڻ تي ڪو اعتراض هجي ته هن اشاعت شايع ٿيڻ جي (7) ڏينهن جي اندر سمورن دستاويزي ثبوتن سان گڏ هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس واقع جڪراقاتڪ مير پور خاص روڊ حيدرآباد ۾ روبرو پيش ڪري معياد گذرڻ بعد فوتي کاتو تبديل ڪيو ويندو ۽ ڪوبه اعتراض يا دعويٰ قابل قبول نه هوندو

مختيارڪار تعلقو حيدرآباد

لاتعلقي جو اظهار

هر عام خاص ۽ ضلع انتظاميه ٽنڊو محمد خان کي آگاهه ٿو ڪريان ته منهنجو پٽ نالي عبدالقادر جيڪو نافرمان ٿي پيو آهي جيڪو ڪجهه چوڻ تي سامهون ٿيو پوي آڄ کان پوءِ آئون هن کي لاڏعوا ڪريان ٿو هن سان منهنجن ٻائرن پٽن ڀائيٽن جو ڪو به تعلق ناهي اگر هن سان ڪير به ڏيتي ليتي يا ڏوهه جهڙو ڪم ڪيو ته هو خود ذميوار رهندو

محمد هاشم ولد حاجي محمد حسن سومرو ويٺل ڳوٺ سليمان سومرو تعلقه بلڙي شاهه ڪريم ضلع ٽنڊو محمد خان. شناختي ڪارڊ 4130864909505

عام اطلاع

جيئن ته اسان جي آفيس ۾ نالي رشيد احمد ولد حاجي عبدالله ذات پرڳڙي درخواست ڏني آهي ته سنڌس والده نالي مسمات ايمنان زال حاجي عبدالله تاريخ 20-02-2001 تي فوت ٿي ويو آهي فوتي ديهه نمبر210 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ بلاڪ / سروي نمبر 22،24،25،26،27،28،29،30،35،36،37،38،42،43 9،12،13،14،16،17،186،187،188، ٽوٽل ايراضي 184-05 ايڪڙ ۽ گهنٽا 58-32 20،23،33،205،206،207، ٽوٽل ايراضي 242-37 ايڪڙ ...

بقايا | 13 | علائقي ۾ فوت

وارننگ ڏني. هنن وڌيڪ چيو ته ايس ايڇ او پنگريو ٽائون ڪميٽي پنگريو جي چيئرمين جي اثر هيٺ ڪم ڪري رهيو آهي ۽ سياسي بنيادن تي انتقامي ڪارروايون ڪيون پيون وڃن. سنڌن چوڻ هو ته قومي اسيمبلي جي ميمبر مير غلام علي ٽالپر ۽ صوبائي اسيمبلي جي ميمبر ارباب امير امان الله کي هن صورتحال جو نوٽيس وٺڻ گهرجي. هنن چيو ته هو ان معاملي بابت ايس ايس پي بدين ۽ ٻين پوليس عملدارن کي به آگاهه ڪندا. ٻئي طرف آزادي بعد جي ڊي اي اڳواڻ ۽ صحافي کي ريلي جي صورت ۾ پنگريو جي مختلف علائقن ۾ گهمايو ويو جتي شهرين سندن پرجوش استقبال ڪيو ويو

بقايا | 13 | علائقي ۾ فوت

فريدآباد پرسان ڳوٺ رسول بخش چانڊيو جي رهواسي 27 سالن جي نوجوان زاهد علي چانڊيو بلوچستان جيوڻي ۾ ڪم سانگي ويل هيو جيڪو مبينا نشو آئيس واپرائڻ سبب فوت ٿي ويو اطلاع ملندي ئي سنڌس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو ۽ سنڌس جي امڙ ۽ والد کي بيهوشي جا دورا پوڻ لڳا. نوجوان جو لاش ضروري ڪارروائي بعد بلوچستان جيوڻي کان فريدآباد نيو پيو وڃيا

بقايا | 14 | مدد جي اپيل

سئوٽ احسان لاشاري ۽ دوست سيد وسيم شاهه سان گڏجي ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته منهنجو 24 سالن جو ڀاءُ صادق علي لاشاري 10 ڏينهن اڳ ڳوٺ وڏو لاشاري وڃڻ جو چئي گهران نڪرڻ بعد پراسرار نموني لاپتا ٿي ويو آهي جنهن جي ڳولا ڪرڻ سان گڏ اهڙو اطلاع حد جي رحمت پور ٿاڻي سميت ايس ايس پي آفيس ۾ پڻ ڏنو آهي پر تنهن باوجود ڀاءُ جو هن وقت تائين ڪوبه ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو جنهن سبب اسان سخت پريشان آهيون ۽ اسان جي گهر ۾ ڪهرام مچيل آهي هن ضلعي انتظاميه سميت لاڙڪاڻي جي ڊي آءِ جي، آءِ جي، ايس ايس پي ۽ ٻين وس وارن کي اپيل ڪئي ته معاملي جو نوٽيس وٺي ڀاءُ جي ڳولا ۾ مدد ڪري چائيل پريشاني ختم ڪئي وڃي

بقايا | 15 | ٽيڪ تي زور

چار کان پنج لک آبادي کي 2010ع ۽ 2022 ۾ ٻوڏائي دربدر ڪيو ويو ٻوڏ ۾ هڪ سئو کان وڌيڪ ماڻهون اجل جو شڪار بنيا ماڻهن جو اربين روپين جو نقصان ٿيو ماڻهن جي مدد لاءِ آيل ڪروڙين روپين جو سامان هڙپ ڪيو ويو صرف ڪاغذن ۾ ٻوڏ متاثرين تائين سامان پهچايو ويو سوين ماڻهون پنهنجا اباڻا ڪک ڇڏي ٻين شهرن ۾ رهڻ تي مجبور ٿيا ٻ دفعا خيرپور ناٿن شاهه جي عوام کي ٻوڙڻ ڪانپوءِ به عقل جا انڌا حڪمران تعلقي خيرپورءِ ناٿن شاهه جي عوام کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ ڪي به جوڳا قدم نه کنيا آهن بچا بند سيمريو بند ايم اين وي ڊرين خدا واهه جي صورتحال اڄ به ساڳي آهي شهر کي مستقل طور تي بچائڻ لاءِ هن وقت تائين ڪوبه رنگ بند نه ڏنو ويو آهي ڪي اين شاهه کي ٻوڏ کان ڪي ٻوڏ کان ڪئين بچائجي واري ڪچهريءَ ۾ بار ڪائونسل ضلع دادو جي صدر ۽ عوامي جمهوري پارٽي جي مرڪزي نائب صدر سيد لعل شاهه ڳالهائيندي چيو ته ٻن ڏهاڪن اندر به وڏيون ٻوڏون شهيدن جي تعلقي ۽ شهر کي ڏنيون ويو جنهن ۾ لکين ماڻهون دربدر ٿيا خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ کان بچائڻ لاءِ چار لائينون آهن ايف پي بند سيمريو بند ايم اين وي ڊرين خدا واهه 1942ع کان 1947 تائين انگريز سرڪار ٺهرايو ان تي درست نموني ڪم نه ٿو ڪيو وڃي ته وري سيمريو بند ايم اين وي ڊرين ۽ خدا واهه تي ڪم ڪيو ٿو وڃي اربين روپيا عالمي بئنڪ ۽ ايشن بئنڪ مان آيا جيڪي هڙپ ڪيا ويا سيمريو بند کي گوڙو تائين ختم ڪيو ويو آهي ٻوڏ کان بچاءِ لاءِ فليڊ ڪئنال درياهه تائين ٺهڻ گهرجي ڏامراهه کان پاٽ تائين اندر بائي پاس ڏاهي پاڻي کي درياهه ۾ ڇوڙ ڪرايو وڃي ايم اين وي ڊرين کي جوهي بئراج وٽ 15 کان 20 گيٽون ڏاهيون وڃن بيو جوهي بئراج کان پاٽ تائين اندر پاس ڪري پاڻي درياهه ۾ نيڪال ڪيو وڃي ايم اين وي ڊرين کي زيرو پوائنٽ کان جوهي بئراج تائين فليڊ بند طور مضبوط ڪيو وڃي ايم اين وي ڊرين کي فيلڊ ڪئنال ڏنو وڃو حڪمرانن ۽ هتان جي چونڊيل نمائيندن کي هوش کان ڪم وٺڻ گهرجي عالمي بئنڪ ۽ ايشن بئنڪ ڪريشن جي ور چڙهايو ويو پاڻي جو رستو اوتر کان ڏکڻ طرف آهي خيرپور ناٿن شاهه کي هٽ وٺي ٻوڙيو ٿو وڃي قومي عوامي تحريڪ ضلع دادو جي آرگنائيزر محمد سومر چانڊيو چيو ته هر دفعي ٻوڏ خيرپور ناٿن شاهه ۾ جو ٿي اچي ٻوڏ کان بچڻ لاءِ گيٽون ۽ اندر پاس ڪئنال ڏنا وڃن

بقايا | 16 | اسڪولن جا دورا

مختلف اسڪولن نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي هلندڙ امتحاني سينٽرن جا دورا ڪري اسڪولي شاگردن جي امتحان جو جائزو ورتو

بقايا | 17 |

ڪاپي ڪيس ڪيو ويو آهي ان موقعي تي اسسٽنٽ ڪنٽرولر غلام مصطفيٰ پيرزادو چيو ته امتحانن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا پيا وڃن ۽ ڪنهن به شاگرد کي ڪاپي ڪرڻ جي هرگز اجازت نه ڏني ويندي

بقايا | 18 | ايوارڊ سان نوازيو

ٻارن پنهنجي هٿن سان ڪڪڙ جي ڳوٺ خانپور جوڻيجو جي واسي ضلعي دادو جي مقرر ٿيل چيف آرگنائزر نوجوان قمرالدين ساريو کي جاکوڙي ۽ بهترين انساني خدمتون سرانجام ڏيڻ تي يادگاري شيلڊ، سنڌس خدمتن جي تفصيل تي مشتمل سند ۽ اعزازي سرٽيفڪيٽ ڏنو ويو ان دوران ايوارڊ پيش ڪندي ڊاڪٽر هاشم سنڌياڻي چيو ته "قمرالدين ساريو ضلعي دادو اندر گذريل 4 سالن کان پنهنجي ذاتي سهولتون قربان ڪري پنهنجي پيل غريب مستحق طبقن، بي وس، يتيم ۽ لاوارث ماڻهن جي بي لوث خدمت ڪري رهيو آهي سنڌس جي ڪيل انساني خدمتون وسارڻ جوڳيون نه آهن سنڌس خدمت کي پنهنجي زندگي جو مقصد بڻايو هن جي ڪم جي روشني ۾ اسان جو سماجي فورم ڪيس سچي انسانيت لاءِ مشعل راهه قرار ڏئي ٿو سماجي ايوارڊ وصول ڪندڙ قمرالدين ساريو چيو ته "هي اعزاز منهنجي اڪيلي ذات جي ڪوشش جو نتيجو نه، پر منهنجي ساٿين عهديدارن ۽ فورم جي انهن اسٽاف ميمبرن جي محنت جو نتيجو آهي جيڪي رات ڏينهن مون سان گڏ ڪم ڪن ٿا. مان انهن سڀني جو شڪريو ادا ڪريان ٿو ۽ هي اعزاز منهنجي همت کي وڌيڪ چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن تقريب ۾ فورم جي مرڪزي سينيئر وائيس چيئرمين راڻو عدنان وائيس چيئرمين عمران شاهد، جنرل سيڪريٽري سهيل سميت مختلف سماجي تنظيمن جي نمائندن، صحافين ۽ شهر جي معزز شخصيتن شرڪت ڪئي

بقايا | 19 | عبداللطيف

سولنگي چيو ته اسان جي صحافين کي پنهنجي صحافت کي سمجهڻ گهرجي هو اجاين خبرن کان پاسو ڪن هن چيو ته اجاين ويب چينلن غير رجسٽرڊ اخبارن جي ڪا ڪاٽي يا ادارن ۾ اهميت ناهي پروفيشنل صحافي پنهنجي صحافت عمل ۾ سلو ڪردار ادا ڪن ته جيئن معاشري ۾ سلو صحافي هجڻ جو لقب حاصل ٿي سگهي چاڪاڻ ته صحافي هن معاشري جي اک جيڪو هر غريب مسڪين پورهيت مزدور مظلوم طبقي جو سگهارو آواز بلند ڪري ٿو هن چيو ته صحافين کي گهرجي ذميوارانه صحافت کي هٿي ڏين نه ڪنهن جي عزت ساک کي نقصان يا ڇيهو رسايو وڃي. ملڪي صورتحال تي پڻ نظر رکڻ گهرجي. هن چيو ته جيڪي پريس ڪلبون آهن انهن ۾ ڪم ڪندڙ صحافي بيمار ٿين ٿا ته اسان جو ڪاتو هر ممڪن سهڪار ڪري پيو اسان جو انفارميشن ڪاتو هر وقت خدمت لاءِ حاضر آهي هن چيو ته ضلعي جي سمورن پريس ڪلبن جي صحافين ٻاڻن سان گڏجاڻيون ڪري رهيا آهيون جنهن جو مقصد هڪٻئي سان گڏجي هلڻ آهي

بقايا | 20 | ڪيمپ جو اعلان

ٽائون ڪاميٽي نيو سعيدآباد جي چيئرمين رئيس سرفراز احمد راهو جي نگراني هيٺ ڪيمپ جا انتظام ڪيا پيا وڃن هوڏانهن رئيس نظيراحمد راهو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مون تازو ٿيليسيميا ڪيئر سينٽر نوابشاهه جو دورو ڪيو جتي لڳ ڀڳ 27 سئو ٻار رجسٽرڊ آهن جيڪي سنڌ جي مختلف ضلعن مان ايندا آهن جن کي رت، دوا ۽ کاڌو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي جيڪو ڏسي محسوس ٿيو ته انسانيت اڃا زنده آهي جيڪا ڊاڪٽر محمد صادق سيال جي صورت ۾ ڏسي رهيا آهيون جڏهن ته ايم پي اي ميڊم ڦريال ٽالپر پڻ جس لهڻي جيڪا هن اداري جي ۽ ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي مالڪي ڪري رهي آهي بس اهو درد ڏسي بلڊ ڊونيشن ڪيمپ لڳائي رهيا آهيون مان ميڊيا ذريعي ضلع سٽياري ۽ ضلع شهيد بينظيرآباد جي عوام ۽ خواص ٻنهين کي اپيل ڪندس ته هو 11 اپريل ڇنڇر ڏينهن شهمير راهو پهچي وڏ ۾ وڏ رت جو عطيو ڪن ته جيئن ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي زندگي بچائڻ ۾ پنهنجو حصو شامل ڪري سگهون :

بقايا | 21 | ڀيٽا پيش

ارشاد بروهي الهداد سري، تعلقه صدر غلام شبير ڪوريجو ۽ ٻين چيو ته شهيد بشير خان قريشي سنڌي قوم جي حقن لاءِ پنهنجي جدوجهد 1970ع واري ڏهاڪي کان شروع ڪئي ۽ زندگيءَ جي آخري گهڙي تائين سنڌ جي اهم مسئلن تي آواز اٿاريندو رهيو مقررن چيو ته شهيد بشير خان قريشي ڪراچي ۾ لکين سنڌين کي گڏ ڪري سنڌ جي بقا ۽ سلامتي لاءِ تاريخي جدوجهد ڪئي جيڪا هميشه ياد رکي ويندي هنن الزام هنيو ته ڪيس هڪ سازش تحت زهر ڏئي شهيد ڪيو ويو هنن وڌيڪ چيو ته شهيد اڳواڻ جي قربانين کي وسارڻ ممڪن ناهي هو هميشه سنڌي عوام جي دلين ۾ زنده رهندو. تقريب جي پڄاڻي تي شهيد بشير خان قريشي کي سنڌس سنڌ ڌرتي لاءِ ڪيل بي لوث خدمتن تي ڀرپور خراج عقيدت پيش ڪيو ويو.

بقايا | 22 | سجاڳ ٿي وڃي

عبدالغفور لاشاري بلوچ به هن وقت گم آهن جنهن ڪري معاملو وڌيڪ ڳنڀير شڪل اختيار ڪري ويو آهي

بقايا | 23 | امتحان شروع

ڪارروائي ڪن

بقايا | 24 | قائم ڪئي وئي

سيڪريٽري ممتاز علي اوڍو انجمن اصغريه اصغريه اسٽوڊنٽس مسجد رضا ڪاميٽي گڏجي شهر جي دڪاندارن کان به ايران جي مظلوم عوام لاءِ امداد گڏ ڪئي

بقايا | 25 | احتجاج

آهي پر لاڙڪاڻي ۾ ايل پي جي گئس جا ڊيلر في ڪلو 460 کان 500 روپيا وڪرو ڪري اسان پورهيتن توڙي عوام سان وڏي ناجائزي ڪري رهيا آهن جن خلاف مان مسلسل لاڙڪاڻي جي ڪمشنر ڊپٽي ڪمشنر اسسٽنٽ ڪمشنر سميت محتسب اعليٰ سنڌ توڙي محتسب اعليٰ اسلام آباد سميت ٻين اعليٰ اختيارين کي بار بار لکت ۾ درخواستون ڏيندو رهيو آهيان پر ان جي باوجود ڪوبه تدارڪ نه ڪيو ويو

بقايا | 26 | ملاقات

انتظامي سطح تي درپيش چئلينجن تي بحث ڪيو.

بقايا | 27 | ڊاڪٽر مهرين ڀٽو

آفيس ڊپٽي ڪمشنر خيرپور ۽ صوبائي حڪومت سان لڳاتار رابطي ۾ آهن هن عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي ٻارن کي وقت سر حفاظتي ويڪسين لڳرائين ۽ ڳوٺن ۾ ايندڙ هيلٿ ٽيمن سان مڪمل سهڪار ڪن هن وڌيڪ چيو ته اسان عوام جي هر تڪليف ۾ سنڌن ساٿ ڏينداسين ان موقعي تي سيد جاويد علي شاهه جيلاني پڻ موجود هئا، جڏهن ته ڊسٽرڪٽ ڪائونسل جي وائيس چيئرمين فهد شاهه جيلاني پڻ موجود هئا.

بقايا | 28 | 14ڄڻا زخمي

ٿي ويون جڏهن ته معصوم ٻارڙن عورتن مردن سميت 14ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا.

بقايا | 29 | احتجاج

۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف قومي عوامي تحريڪ ڪنڌڪوٽ طرفان ضلعي آرگنائيزر ارصلاح ٻهلڪاڻي سجاد بروهي شاهه علي سهرياڻي علي مراد سبزوئي شاهد سهرياڻي غلام رسول گولو رحمت الله چڄڻ روهت چانڊيا راشد پيو سائين بخش جعفري وزير ٻهلڪاڻي مصطفيٰ اوڳاهي ڏٽي بخش سبزوئي الطاف شيخ شوڪت پيو پڳوان سنگهه ڪبير ديوان ساڙوائي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاجي ريلي ڪڍي وئي.

بقايا | 30 | شخص فوت

سان ريل جي ٽڪر ۾ فوت ٿي ويو آهي. لاش جي قانوني ڪارروائي ڪري گهر ڪٽي ٿا وڃون هوڏانهن لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

بقايا | 31 | احتجاج جاري

تنظيمن جي اڳواڻن سورو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو انصاف ناهي چوپلا ڪريلا ڪريلا جا نعرا هنيا ويا

بقايا | 32 | رقم ڦري ويا

شڪارپور واسي عنايت الله جيهو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان ڪنهن ڪم سانگي ڊکڻ ويس اتان واپسيءَ تي مون کان موٽر سائيڪل موبائل فون ۽ روڪ رقم هٿيار بند هٿيارن جي زور تي يرغمال ڪري ڦر ڪري فرار ٿي

بقايا | 33 | اسپتال داخل

ڪوشش ڪئي جن کي تعلقه اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو جتان عاصم ڏيءِ امداد کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ايل ايم يو حيدرآباد نيو ويو.

بقايا | 34 | جاويد شاهه جيلاني

دوائون مهيا ڪيون ويون آهن ضلعي جي ماڻهن کي گهرجي ته ٻارڙن کي حفاظتي ويڪسين وقت تي هٿلائين ۽ ڳوٺن ۾ ايمڊر هيلٿ جي ٽيمن سان تعاون ڪن

بقايا | 35 | عوام پريشان

اسٽاپن تي موجود مسافرن دانهيندي چيو ته اسان ڊيوٽين تي وڃي نٿا سگهون

بقايا | 36 | مدد جي اپيل

فون نمبر بند آهي سنڌس مائٽن سان رابطو ناهي قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ محمود رخشاڻي جو چوڻ آهي ته هتان روس جي سفارتخاني ۽ ماسڪو يونيورسٽي وارن سان رابطو ڪيو آهي مگر هو ڪين ڪوبه تسلي بخش جواب ڏيڻ کان لنوائي رهيا آهن هن وفاقي حڪومت پاڪستان ۽ اعليٰ اختيارين کي انساني ناطي مدد ڪرڻ جي اپيل ڪئي

بقايا | 37 | نوٽيس ورتو

خسري جي بيماري ڦهلجڻ کان پوءِ انتظاميه ۾ ڦڙٿلو مچي ويو ڪمشنر روزاني جي بنياد تي ميٽنگون ڪرڻ لڳو ۽ ماڻهن کي تسلي ڏيڻ لاءِ ريسپانس ٽيمون سڀني تعلقن ۾ روانيون ڪيون ويون

بقايا | 38 | نعمان اسلام شيخ

جو اظهار هن پنهنجي رهائشگاهه تي عوام سان ملاقات دوران ڪيو

بقايا | 39 | مدد جي اپيل

ٻارن علائقي جي مختلف شهرن ۾ ڳولا ڪئي وئي پر ٻنهي نوجوانن جو پتو نه پئجي سگهيو

بقايا | 40 | انصاف جو مطالبو

پورهيت اعجاز علي ميربحر ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته آئون انتهائي غريب مسڪين آهيان جڏهن ته مختلف گاڏين جا ويل ڏاهي گهرياتين جو پيٽ گذر ڪندو آهيان

بقايا | 41 | جواري گرفتار

ايس ايڇ او ٿاڻو ميهڙ بي سيڪشن قمر الدين ٿيبو جي اڳواڻي ۾ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڊگري ڪاليج پرسان ڇاپو هنيو. ڪارروائي دوران موقعي تان 6 جواري گرفتار ڪيا ويا.

بقايا | 42 | احتجاجي مظاهرو

ڪراچي جي ايوب ڳوٺ ۾ رهائش اختيار ڪئي سين جتي پٽ رڪشا هلائڻ سان مختلف پورهيا ڪري پيٽ گذر ڪندا آهن

بقايا | 43 | برادري جو ڌرڻو

پر عوام سان پڻ ڪليل زيادتي ڪئي پئي وڃي رهواسين الزام لڳايو ته پمپ تي ڪوڙو (ملاوٽ وارو) پيٽرول وڪرو ڪيو پيو وڃي.

بقايا | 44 | چيئرمين جو دورو

چيئرمين تعليمي بورڊ حيدرآباد پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر ٻين لاڳاپيل آفيسرن سان گڏ امتحاني مرڪز جو دورو ڪري انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو

بقايا | 45 | برادري جو ڌرڻو

احتجاج ايس ايس پي ڄامشورو نوٽيس ورتونوجوان کي ڪنهن خلاف مولانا سڪندر خاصخيلي ڀاڙان سيشن ڪورٽ ۾ پٽيشن داخل ڪرائي ڇڏي.

بقايا | 46 | امتحان شروع

شاگرد ۽ شاگردياڻيون حصو وٺي رهيا آهن. ضلعي جي مختلف سرڪاري امتحاني سينٽر قائم ڪيا ويا آهن جتي شاگرد مقرر وقت تي پهچي پنهنجا سالانه امتحاني پيپر ڏئي رهيا آهن

نمبر: XEN/PDM&I CELL/CTA&AD/NIT-287/2025-26/298

حڪومت سنڌ
ثقافت، سياحت، قديم آثار ۽ آرڪائيوز کاتو
پلاننگ، ڊيولپمينٽ، مانيٽرنگ ۽ امپليمينٽيشن سيل
رومي قبرستان جي پويان، گرڊ اسٽيشن جي ويجهو، ناردرن بائي پاس، ڪراچي.
تاريخ: 2 اپريل 2026ع

تصحيح نوٽيس-II

عنوان: تصحيح/ وضاحت/ تبديلي ۽ کلڻ جي تاريخ ۾ واڌ

اين آءِ ٽي (NIT) نمبر XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./2025-26/287 بتاريخ 16-03-2026، ۽ تصحيح نوٽيس نمبر XEN/PDM&I-CELL/CTA&AD/NIT-REV./287/2025-26/292 بتاريخ 01 اپريل 2026، EPEAD نمبر EPADS-S-26030729717، EPADS-S-26030729718، EPADS-S-26030729719، ۽ اشتهار نمبر INF/KRY/1118/2026، جيڪي مشهور اخبارن روزاني ايڪسپريس 18 مارچ 2026 ۽ روزاني عبرت 18 مارچ 2026 ۾ شايع ٿيا، جي تسلسل ۾ (SPPRA) رولز 21 ۽ 22:1 جي تحت هيٺيون ترميمون/ وضاحتون جاري ڪيون وڃن ٿيون:

1. لاڳو ٽيڪس: خريداري جي نوعيت موجب (GST/SST/SRB جتي لاڳو هجي اتي).
2. 03 سالن جي ٽيڪس ريٽرن ۽ ٽرن اوور جو شرط ايس پي پي آر اي رولز موجب آهي ۽ 10 ملين رپيا ڪلوزنگ بيلنس جو شرط برقرار رهندي. ڪلوزنگ بيلنس لاءِ تازي دستياب بئنڪ اسٽيٽمينٽ کي نظر ۾ رکيو ويندو.
3. گهٽ ۾ گهٽ تجربي جو شرط پنج (05) سال آهي.
4. خريداري آئٽم وار (Item wise) جي بنياد تي ڪئي ويندي. هر آئٽم جي الڳ الڳ جاچ ڪئي ويندي. هر آئٽم لاءِ سڀ کان گهٽ ريٽ ڏيندڙ ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي ڪانٽريڪٽ ڏنو ويندو. جزوي آڇن جي اجازت آهي.
5. (5%) بڊ سيڪيورٽي سيني صورتن ۾ (CDR/PO/Bank Guarantee/DD) قبول ڪئي ويندي. پرفارمنس سيڪيورٽي: ڪانٽريڪٽ جي قيمت جو 5 سيڪڙو هوندي.
6. تخميني لاڳت ساليائي پروڪيورمينٽ پلان ۾ موجود آهي.
7. آڇون 9 اپريل 2026 تي صبح 11:30 وڳي تائين يا ان کان اڳ جمع ڪرائڻيون پونديون ۽ آڇون ساڳئي ڏينهن يعني 9 اپريل 2026 تي منجهند 12:30 وڳي ساڳئي هنڌ تي کوليون وينديون.

هي تصحيح اين آءِ ٽي (NIT) ۽ بڊنگ دستاويزن جو لازمي حصو تصور ڪئي ويندي ۽ سڀني شرڪت ڪندڙن تي پابندي ڪرڻ لازمي هوندو اصل NIT ۽ بڊنگ دستاويزن ۾ ڏنل ٻيا سڀ شرط، وضاحتون ۽ گهرجون بنا تبديليءَ جي ساڳيون برقرار ۽ ڪارآمد رهنديون.

اختيار احمد منگي
ايگزيڪيوٽو انجنيئر پلاننگ

I WORK FOR SINDH A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com INF/KRY/1366/2026

ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلائميٽ چينج اينڊ ڪاربن فنانس ماحوليات، موسمياتي تبديلي ۽ ڪوسٽل ڊولپمينٽ
حڪومت سنڌ ڪراچي

نمبر: AD/A&F(DoCC&CF)I-1/2 تاريخ: 06 اپريل 2026ع

آساميون خالي آهن

سنڌ جو ڊوميسائل رکندڙ (شهري/ڏيهي) موزون اميدوارن کان باقاعده بنيادن تي هيٺين خالي آسامين تي مقرريءَ لاءِ درخواستون گهرائجن ٿيون. قابليت ۽ شرط هيٺ ڏنل آهن:

شمار نمبر	عهدي جو نالو	BPS	آسامين جو تعداد	قابليت ۽ تجربو	عمر جي حد
1	ڊسپيچ رائيڊر	04	02	(i) ڪنهن به مڃيل بورڊ مان گهٽ ۾ گهٽ "C" گريڊ ۾ ميٽرڪ (ii) موٽر سائيڪل يا اسڪوٽر جو درست ڊرائيونگ لائسنس هجي	18-28
2	ڊرائيور	04	06	(i) مڃيل بورڊ مان ميٽرڪ "C" گريڊ ۾. (ii) صحيح LTV ڊرائيونگ لائسنس هجي (iii) ڊرائيور طور گهٽ ۾ گهٽ ٽن (03) سالن جو تجربو هجي.	18-28
3	چوڪيدار	01	02	تعليمي بورڊ مان "C" گريڊ ۾ ميٽرڪ پاس.	18-28
4	نائب قاصد	01	06	تعليمي بورڊ مان "C" گريڊ ۾ ميٽرڪ پاس.	18-28
5	سينيٽري ورڪر / سوئيپر	01	01	(i) پرائمري پاس (ii) لاڳاپيل شعبي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ (01) سال جو تجربو هجي.	18-28

شرط ۽ ضابطا

1. دلچسپي رکندڙ اهل اميدوار پنهنجون درخواستون هيٺين دستاويزن جي تصديق ٿيل ڪاپين سان گڏ جمع ڪرائين: تعليمي سرٽيفڪيٽ، تجربي جا سرٽيفڪيٽ (جتي لازمي هجي)، درست ڊرائيونگ لائسنس (ڊرائيور ۽ ڊسپيچ رائيڊر لاءِ)، CNIC، ڊوميسائل ۽ PRC (فارم-ڊي)، ۽ ٻه تازيون پاسپورٽ سائيز تصويرون اسسٽنٽ ڊائريڪٽر جي نالي (ايڊمن اينڊ فنانس) پلاٽ ST-2/1، سيڪٽر 23، ڪورنگي انڊسٽريل ايريا، ڪراچي، سنڌ.
2. عمر جي مٿين حد ۾ رعايت حڪومت سنڌ جي موجوده پاليسيءَ موجب ڏني ويندي.
3. شروعاتي مقرريءَ لاءِ مخصوص ڪيل ڪوٽا جو حصو حڪومت سنڌ جي قانون/قاعدن/پاليسي مطابق برقرار رکيو ويندو.
4. جيڪي اميدوار اڳي ئي سرڪاري نوڪريءَ ۾ آهن، اهي درخواست ڏيڻ کان اڳ پنهنجي کاتي کان اين او سي (NOC) حاصل ڪن ۽ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو انٽرويو وقت اصل NOC پيش ڪن.
5. درخواستون هن اشتهار جي شايع ٿيڻ جي پندرهن (15) ڏينهن جي اندر هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس تائين پهچڻ گهرجن.
6. صرف شارٽ لسٽ ڪيل اميدوارن کي ٽيسٽ/انٽرويو لاءِ گهرايو ويندو اميدوارن کي شيڊول موجب اصل دستاويزن سان گڏ ڊپارٽمينٽل سليڪشن ڪميٽيءَ آڏو پيش ٿيڻو پوندو. انٽرويو ۾ حاضر ٿيڻ لاءِ ڪوبه ٽي اي/ڊي اي نه ڏنو ويندو
7. مقرر تاريخ کان پوءِ مليل يا اڻپورين درخواستن تي غور نه ڪيو ويندو.

عبدالستار
اسسٽنٽ ڊائريڪٽر (ايڊمن اينڊ فنانس)
ڊائريڪٽوريٽ آف ڪلائميٽ چينج اينڊ ڪاربن فنانسنگ
حڪومت سنڌ، ڪراچي

I WORK FOR SINDH A JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT www.iwork4sindh.com INF/KRY/1381/2026

آفيس آف دي سپرنٽنڊنگ انجنيئر
پوليس ورڪس، سنڌ، ڪراچي
اسڪول آف فنانس، ٽريننگ برانچ، گرائونڊ فلور، سي پي او، ڪراچي
نمبر: SE/PW/Tenders/109، تاريخ: 06-04-2026

ٽينڊر گهرائڻ لاءِ نوٽيس
(اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم EPADS ذريعي)

پروڪيورنگ ايجنسي سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ رولز 2010 (تاحال ترميم شده) جي رول 46(2) تحت "هڪ مرحلي تي ٻه لفافي طريقڪار" تحت "اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS)" تي اليڪٽرانڪ آڇون گهرائي ٿي دلچسپي رکندڙ سمورا ٺيڪيدار/فرمز/واڪ ڏيندڙ/سپلايرز هيٺين ڪم لاءِ آڇون ڏئي سگهن ٿا:

شمار/ADP نمبر	ڪم جو نالو	PEC ڪيٽيگري	ڪُل رقم (ملين ۾)	بڊ سيڪيورٽي	ٽينڊر في	مڪمل ڪرڻ جو وقت
1/1117 of 2025-26	آر آر ايف نيول بيس ڪراچي ۾ مختلف بلڊنگن جي تعمير	C-3 يا ان کان مٿي	234.820	5% ڪُل رقم	5,000/-	24 مهينا

"EPAD" سسٽم ذريعي ٽينڊرن/آڇن جي جاري ٿيڻ، وصول ڪرڻ ۽ کلڻ جو پروگرام"

شمار نمبر	تفصيل	پهرين ڪوشش	ٻي ڪوشش (موٽ نه ملڻ جي صورت ۾)	هنڌ /طريقو
1	درخواستن جي وصولي ۽ ٽينڊر/آڇ جي دستاويزن جو جاري ٿيڻ (اخبارن يا EPADS پورٽل ۾ اشتهار جي تاريخ کان)	28-04-2026 صبح 10:00 وڳي تائين	14-05-2026 صبح 10:00 وڳي تائين	ٽينڊر/واڪ دستاويز EPADS پورٽل تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا يا هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجن ٿا.
2	ٽينڊرن /آڇون جمع ڪرائڻ	28-04-2026 صبح 11:00 وڳي تائين	14-05-2026 صبح 11:00 وڳي تائين	صرف "اي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم EPADS" (اليڪٽرانڪ سبميشن) ذريعي: https://portalsindh.eprocure.gov.pk/
3	ٽينڊرن /بولين جو کلڻ	28_04_2026 منجهند 11:30 وڳي	14_05_2026 منجهند 11:30وڳي	آڇون EPADS ذريعي اليڪٽرانڪ طريقي سان، واڪ ڏيندڙن جي بااختيار نمائندن ۽ پرڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جي موجودگيءَ ۾ سپرنٽنڊنگ انجنيئر، پوليس ورڪس، سنڌ جي آفيس، اسڪول آف فنانس، ٽريننگ برانچ، گرائونڊ فلور، سي پي او، ڪراچي ۾ کوليو وينديون

ضروري نوٽ:
سمورن دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن لاءِ ضروري آهي ته اهي آڇون جمع ڪرائڻ کان پهريان EPADS تي رجسٽرڊ ٿين.
هٿرادو طور تي جمع ڪرايل درخواستون قبول نه ڪيون وينديون.
آخري تاريخ کان پوءِ يا EPADS جي ذريعي نه موڪليل ڪنهن به آڇ کي رد ڪيو ويندو.

شرط ۽ ضابطا:

1. آڇ جي دعوت ۽ ٽينڊر/واڪ دستاويزن جو نوٽيس، جنهن ۾ تفصيلي شرط ۽ ضابطا شامل آهن، سرڪاري EPADS پورٽل https://portalsindh.eprocure.gov.pk/ تي ڏسي ۽ ڊائون لوڊ ڪري سگهجن ٿا.
2. ٽينڊر في ۽ بڊ سيڪيورٽي جو اصل دستاويز، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي، ڪال ڊپازٽ، پي آرڊر، يا ڊمانڊ ڊرافٽ جي شڪل ۾ پاڪستان جي ڪنهن به شيڊولڊ بئنڪ طرفان "سپرنٽنڊنگ انجنيئر، پوليس ورڪس، سنڌ، ڪراچي" جي نالي تي (فرم جي کاتي مان) هجڻ گهرجي. ٻئي دستاويز اليڪٽرانڪ آڇن جي کلڻ کان پهريان سپرنٽنڊنگ انجنيئر، پوليس ورڪس، سنڌ، اسڪول آف فنانس، ٽريننگ برانچ، گرائونڊ فلور، سي پي او، ڪراچي جي آفيس ۾ جمع ٿيڻ گهرجن. اصل دستاويزن کان سواءِ يا مقرر وقت کان پوءِ مليل آڇن تي غور نه ڪيو ويندو
3. اهليت جا معيار:-
   i. تفصيلي اهليت/قابليت جا معيار ۽ شرط EPADS پورٽل تي موجود ٽينڊر/واڪ دستاويزن ۾ ڏنل آهن
   ii. ٽيڪنيڪل پروپوزل جي جاچ مقرر ڪيل معيارن مطابق ڪئي ويندي، جنهن ۾ لازمي گهرجون ۽ مارڪنگ سسٽم شامل آهن. اهي واڪ ڏيندڙ جيڪي لازمي گهرجون پوريون نه ڪندا، انهن کي غير جوابده سمجهيو ويندو ۽ وڌيڪ جاچ لاءِ غور هيٺ نه آندو ويندو
4. متفرق شرط:
   i. آڇون لازمي طور تي EPADS پورٽل ذريعي مٿي بيان ڪيل سمورن گهربل دستاويزن ۽ معلومات سان گڏ جمع ڪرائڻيون پونديون. اڻپوريون درخواستون يا اهي جن ۾ ڪو به گهربل دستاويز گهٽ هوندو، انهن کي پرڪيورمينٽ ڪميٽيءَ طرفان قبول نه ڪيون وينديون
   ii. ٽيڪنيڪل طور تي ڪامياب ٽيندڙ واڪ ڏيندڙن جي سيڪيورٽي رقم ڪامياب واڪ ڏيندڙ کي ورڪ آرڊر جاري ٿيڻ کان پوءِ واپس ڪئي ويندي.
   iii. ڪنهن به جوائنٽ وينچر (JV) جي اجازت نه هوندي ۽ نه ئي جوائنٽ وينچر ورڪ آرڊر قبول ڪيا ويندا.
   iv. جيڪڏهن حڪومت مقرر تاريخ تي عام موڪل جو اعلان ڪري ٿي، يا هڙتال يا ڪنهن ناخوشگوار واقعي جي صورت ۾، ٽينڊر ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت کوليو ويندو اهڙي ريت، جيڪڏهن چيئرمين يا پروڪيورمينٽ ڪميٽيءَ جو ڪو ميمبر واڪ کلڻ واري ڏينهن هيڊ ڪوارٽر کان ٻاهر هوندو، تڏهن به آڇون ايندڙ ٻئي ڪم ڪار واري ڏينهن تي ساڳئي وقت تي کوليون وينديون.
   v. آڇ جو مدت 90 ڏينهن آهي.
   vi. جيڪڏهن ڪو فرم بليڪ لسٽ هو پر هاڻي ڊي-لسٽيڊ ٿي چڪو آهي، ته اهو فرم مقابلي لاءِ اهل هوندو
   vii. منصوبي بابت ڪا به ڄاڻ دفتري وقت دوران هيٺ صحيح ڪندڙ جي آفيس مان حاصل ڪري سگهجي ٿي، يا واڪ ڏيندڙ جي EPADS يوزر ID ذريعي پورٽل تان حاصل ڪري سگهجي ٿي.
   viii. پرڪيورمينٽ ڪميٽيءَ کي اختيار آهي ته اها SPPRA رولز 2010 (تاحال ترميم شده) تحت ڪانٽريڪٽ ڏيڻ کان پهريان ڪنهن به يا سمورن آڇن کي رد يا قبول ڪري سگهي ٿي.

سپرنٽنڊنگ انجنيئر
پوليس ورڪس، سنڌ
ڪراچي

I WORK FOR SINDH www.iwork4sindh.com JOB PORTAL BY INFORMATION DEPARTMENT INF/KRY/1347/2026

ڪنڊڪوٽ ٽرڪ ۽ ٽريڪٽر ٽراليءَ ۾ ٽڪر، هڪ شخص فوت، ٻه زخمي

انڊس هاءِ وي ٻيڙي چوڪ وٽ تيز رفتار ٽرڪ ۽ ٽريڪٽر ٽراليءَ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو

حادثي سبب ٽريڪٽر ڊرائيور دوست محمد پيو ڏڏي تي فوت، جڏهن ته ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا

لاش ۽ زخمين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو، لاش قانوني ڪارروائي وارثن حوالي، گهر ۾ ڪهرام

ڪنڊڪوٽ (ڊ ر) ڪنڊڪوٽ لڳ تيز رفتار ٽرڪ ۽ ٽريڪٽر ٽراليءَ ۾ زوردار ٽڪر ٿي پيو هڪ ڄڻو فوت ٻه ڄڻا زخمي ٿي پيا اسپتال منتقل لاش قانوني ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيو مڙهه گهر پهچڻ تي
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ ناري جو لاش هٿ، وارثن پاران مڙس تي زهر ڏئي مارڻ جو الزام

ڳوٺ نظر محمد انڙ مان 24 ورهين جي ناري مسمات مهناز انڙ جو لاش هٿ آيو

پيڻ ڪي سنڌس مڙس بشير احمد انڙ زهر ڏئي ماريو آهي، شفاف جاچ ڪرائي وڃي: پاءُ

سڪرنڊ (ص ر) سڪرنڊ کان 10 ڪلو ميٽر پري ڳوٺ نظر محمد انڙ ۾ 24 ورهين جي ناري مسمات مهناز زال بشير احمد انڙ جو لاش هٿ آيو آهي پراسرار فوتگي تي فوتڻ جي پاءُ ميڊيا آڏو الزام هنيو آهي ته منهنجي ڀيڻ کي سنڌس مڙس زهر ڏئي ماريو آهي هوڏانهن واقعي جي اطلاع تي همدرد فري ايمبولينس سروس جي ريسڪيو ٽيم حادثي واري هنڌ پهچي عورت جو لاش تعلقه اسپتال سڪرنڊ آندو ويو جتي ضروري ڪاغذي ڪارروائي بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو ٻئي پاسي سڪرنڊ پوليس معاملي جي وڌيڪ جاچ ڪري رهي آهي

سڪرنڊ: فوت ٿيل عورت جو لاش سنڌس گهر ۾ پيل آهي

لاڙڪاڻو: مقامي اسڪول ۾ ناريون بورڊ جا امتحان ڏئي رهيون آهن

ڪوٽڙي پوليس پاران 5 جوابدارن کي منشيات سميت گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ڪوٽڙي ۾ پوليس جو منشيات فروشن خلاف آپريشن ڪيترائي گرفتار سائيٽ ڪوٽڙي جي ايس ايڇ او خير محمد ملاح جي اڳواڻي ۾ سنڌس ٽيم سان گڏجي ڪامياب آپريشن ڪري منشيات سميت ٻن ڄڻن وقار علي
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي پوليس پاران جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي 19 ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻو پوليس مارڪيٽ ٿاڻي جي حد جناح باغ واري علائقي ۾ ڇاپو هڻي 19 جوارين کي گرفتار ڪري لکين رپيا هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي ان حوالي سان ايس ايس پي احمد فيصل چوڌري ٻڌايو ته گرفتار جوارين وٽان 2 لک 4 هزار رپيا هٿ ڪري اهڙو ڪيس داخل ڪيو ويو آهي وڌيڪ جاچ ڪئي پئي وڃي.

راڻي پور ويجهو ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 8 ڄڻا زخمي

ڳوٺ واڱٽي وڏا واسي ڌرين ۾ ڪبوترن کي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو

زخمي پروين شوڪت، صدام، شاهين، شعيب ۽ ٻين کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

راڻي پور (ن ع) راڻي پور جي ڳوٺ واڱٽي وڏا ۾ ڪلهوڙا برادري جي ٻن ڌرين ۾ ڪبوترن کي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو هڪ ٻئي مٿان بندوق سان فائرنگ ڪئي وئي. فائر لڳڻ سبب 8 زخمي شديد زخمي ٿي پيا، زخمين کي راڻي پور اسپتال منتقل ڪيو ويو ڪلهوڙا برادري جي هڪ ڌر شاهو ڪلهوڙو ۽ ٻئي ڌر آڪاش ڪلهوڙو ۾ ڪبوتر اڏائڻ جي معاملي ڳالهه تان جهيڙو ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻنهي ڌرين پاران هڪ ٻئي مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن دوران فائرن جا ڇرا لڳڻ سبب 8 ڄڻا زخمي ٿي پيا، جن کي اتي موجود ڳوٺاڻن
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوآدم ۾ نشي جا پئسا نه ڏيڻ تان موالي پاءُ کي خنجر هڻي زخمي ڪري ڇڏيو

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم جي ڇپا پاڙي ۾ نشي جي عادي شعيب سومرو نشي جا پئسا نه ڏيڻ تي پنهنجي پاءُ سهيل سومرو کي خنجر هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو جنهن کي تعلقي اسپتال ٽنڊوآدم آندو ويو
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

نوابشاهه ۾ پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ اگهن خلاف احتجاجي مظاهرو

سيٽزن ڪاميٽي پاران اسلم نوري، لال چند لوهاڻو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو ويو

جيڪڏهن حڪومت پنهنجي پاليسين ۾ تبديلي نه آندي ته احتجاجن جو سلسلو جاري رهندو

نوابشاهه (س) پيٽرول ۽ ڊيزل جي وڌندڙ اگهن ۽ گاٽي توڙ مهانگائي خلاف سيٽزن ڪاميٽي ۽ شهرين پاران شيراز چوڪ کان اسلم نوري، لال چند، لوهاڻو اڪرم خاصخيلي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي نوابشاهه پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ اڳواڻن چيو ته موجوده حڪومت پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ ڪري غريب طبقي کي بکون ڪاٽڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو آهي انهن جو چوڻ هو ته ان فيصلي سبب غريب ۽ ڏهاڙي ڪمائيندڙ پورهيت طبقو انتهائي بدحالي ۾ مبتلا آهي احتجاجي مظاهري ۾ شامل
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار لڳ غيرت جي نالي ۾ پيءُ هٿان ڌيءُ قتل، ڪيس داخل، جاچ شروع

ڳوٺ رکي مکهاڻي ۾ 6 ڏينهن اڳ مقبول مهڪاڻي غيرت نالي تي ڌيءُ حنيفان کي فائر ڪري قتل ڪيو

لاش کي ڳجهه ڳوهه ۾ دفنائي ڇڏيو، ايس ايس پي ٽنڊوالهيار جي هدايت تي ڪيس داخل ڪيو ويو

گرفتاري لاءِ مختلف هنڌن تي ڇاپا هنيا ويا آهن جلد ئي جوابدار کي گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار جي تعلقي جهنڊو مري لڳ غيرت جي نالي پيءُ هٿان ڌيءُ قتل، واقعي جو ڪيس پوليس جي فرياد تي داخل خبر موجب ٽنڊوالهيار جي تعلقي جهنڊومري لڳ مشائخ هوٿي ٿاڻي
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هاري ٽيڪنبو فصل ويجهو ڪٽڪ جو لابارو ڪرڻ بعد ٿريشر ۾ ان ڳاهي رهيا آهن

خيرپور پوليس پاران مقابلي ۾ ڌوهاري کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

ڳجهي اطلاع تي مقابلي دوران ڌوهاري نظير ڦلپوٽو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو: پوليس

زخمي کي اسپتال منتقل ڪيو ويو آهي، جوابدار 10 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ ڌوهاري نظير ڦلپوٽو زخمي حالت ۾ گرفتار جيڪو 10 کان وڌيڪ سنگين ڪيسن ۾ گهربل هو ايس ايس پي خيرپور ڪئپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي تفصيل موجب خيرپور جي شاهه حسين ٿاڻي جي حد ۾ پوليس ۽ ڌوهارين وچ ۾ مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ ڌوهاري نظير ڦلپوٽو زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو آهي اهڙي ڳالهه ايس ايس پي خيرپور ڪئپٽن رٽائرڊ امير سعود مگسي پنهنجي جاري ڪيل پريس بيان ۾ ٻڌائي هن ٻڌايو
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

فريد آباد واسي 27 سالن جو نوجوان مبينا نشو واپرائڻ سبب بلوچستان جي علائقي ۾ فوت

فريدآباد (ن ع) فريدآباد واسي 27 سالا نوجوان زاهد پٽ محمد جمن چانديو مبينا نشو واپرائڻ سبب بلوچستان جي علائقي جيوڻي ۾ فوت ٿي ويو آهي اطلاع ملڻ تي سنڌس جي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

پنگريو ڪري کي باهه وارو ڪيس ۾ جهان خان ڪوسو ۽ سجاد ڪوسو ضمانت تي آزاد

ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ بدين طرفان ضمانت منظور ڪرڻ بعد جيل مان آزادي ڪيو ويو

آزاد ٿيڻ تي ڪارڪنن ۽ شهرين پاران ڀرپور استقبال، بي بنياد ڪيس داخل ڪيا ويا آهن: اڳواڻ

پنگريو (ن ع) ڪٺڪ جي ڪري کي باهه ڏيڻ واري ڪيس ۾ گرفتار ڪري ٻڌل ڊيموڪريٽڪ الائنس (جي ڊي اي) پنگريو جي اڳواڻ جهان خان ڪوسو ۽ سنڌس پائيتي صحافي سجاد ڪوسو جي ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن ڪورٽ بدين ضمانت منظور ڪري ورتي، جنهن بعد کين ڊسٽرڪٽ جيل بدين مان آزاد ڪيو ويو. آزادي مهل جيل ٻاهران جي ڊي اي ڪارڪنن ۽ پنگريو جي شهرين وڏي انگ ۾ سنڌس ڀرپور استقبال ڪيو. بعد ۾ ٻنهي اڳواڻن کي ريلي جي صورت ۾ بدين کان پنگريو آندو ويو جتي رستي ۾ مختلف هنڌن تي ڪارڪنن ۽ شهرين
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي مان نوجوان 10 ڏينهن کان پراسرار طور گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي پينس ڪالوني جي رهواسين طرفان پراسرار نموني گم ٿي ويل نوجوان جي ڳولا ۾ مدد لاءِ هٿن ۾ بئنر کڻي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ نوجوان غلام رسول لاشاري پنهنجي پاءُ صابر علي، ماسات نويد احمد،
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

خيرپور ناٿن شاهه کي ٻوڏ کان بچائڻ بابت ڪچهري منعقد، عوام کي متحد ٿيڻ تي زور

ٻن ڏهاڪن اندر ٻه وڏيون ٻوڏون شهيدن جي تعلقي ۽ شهر کي ڏنيون ويو جنهن ۾ لکين ماڻهون دربدر ٿيا: صدر سيد لعل شاهه

بندن جي مرمت لاءِ آيل ڪروڙين رپيا هڙپ ڪيا ويا آهن خدا واهه تي پنج ٽراليون لاهي پئسا هڙپ ڪيا ويا آهن: محمد سومر چانڊيو

ماڻهن کي همٿ ڪري حڪمرانن ۽ ٻئي نمائندن کي مجبور ڪن ته هو شهر جي بچاءَ جون لائينون مضبوط ڪن ۽ فيلڊ ڪئنال ڏين: بخت بروڙ

سنڌ حڪومت کي ورلڊ بئنڪ پاران بندن جي مرمت ۽ مضبوطي لاءِ ڪروڙين رپيا مليا هيا جيڪي هڙپ ڪيا ويا آهن: غلام محمد گاڏهي ۽ ٻين جو خطاب

خيرپور ناٿن شاهه (ن ع) خيرپور ناٿن شاهه تعلقو توڙي شهر جنهن ايم آر ڊي واري تحريڪ ۾ وڏي مشهوري ماڻي هتان جي جوڌن جمهوريت جي بحالي لاءِ پنهنجي سر جو نذرانو پيش ڪيو ان تعلقي جي ساڌا
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: مقامي اسڪول ۾ ٻارڙيون ٽيبلو پيش ڪري رهيون آهن

مٽياري ۾ ويجلينس جو هلندڙ نائين ۽ ڏهين ڪلاس امتحان دوران مختلف اسڪولن جا دورا

هالا (ت ر) مٽياري ۾ هلندڙ سالياني نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي امتحانن جو ويجيلينس ٽيم پاران هالا پٽ شاهه نيو سعيدآباد مٽياري جي مختلف اسڪولن جا دورا ڪيا. ويجيلينس ٽيم جي انچارج عبد الله ڏاهري، سيد محمد شاهه ڪريم ڏنو ڪاڪا، خادم حسين جتوئي آچر خاصخيلي مس دعا ۽ رحمان ڪشميري
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

نوري آباد ويجهو جبلن مان هٿ آيل لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي

مقتولا جي سڃاڻپ مهناز زال عظيم لاشاري بلوچ طور ڪئي وئي

عظيم اڳ ۾ ٻه شادي شده هو، پاڻ سنڌس پٽ گم آهن: ذريعا

نوري آباد (ن ع) جوکيا سوڙ پرسان رات جبلن مان هٿ آيل نامعلوم عورت جي لاش جي سڃاڻپ ٿي وئي آهي جنهن جي سڃاڻپ مهناز زال عظيم لاشاري بلوچ طور ڪئي وئي آهي ذريعن موجب مقتول عورت مهناز جو هن وقت تعلق ضلعي مليرسان هو عظيم لاشاري بلوچ اڳ ۾ ٻه شادي شده هو جنهن مان ڪيس هڪ پٽ ۽ هڪ نياڻي آهن جڏهن ته ٻي شادي ان مهناز سان ڪئي هئي جيڪا سنڌس سامي جي ڌيءُ پڻ هئي جيڪي اصل ڏيرا غازي خان جا رهواسي آهن واقعي بابت وڌيڪ جاچ موجب عظيم لاشاري بلوچ ۽ سنڌس پٽ
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ لڳ پ پ اڳواڻ نظير راهو پاران ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ 11 اپريل تي بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اعلان

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر اڳواڻ سنڌ جي مشهور مهمان نواز ۽ اوطاقي شخصيت رئيس نظير احمد پاران سنڌس رهائشگاهه راهو هائوس شهيد راهو تي ٿيليسيميا جي ٻارڙن لاءِ 11 اپريل تي هڪ روزه ميگا بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو آهي جنهن جون تياريون زور و شور سان جاري آهن ان سلسلي ۾
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي نگرانيءَ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا سالياڻا امتحان شروع

چيئرمين خالد حسين مهر مختلف امتحاني سينٽرن جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

ڪاپي کي روڪڻ لاءِ بورڊ طرفان 14 وجيلنس ٽيمون جوڙيون ويون آهن: خالد حسين مهر

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) تعليمي بورڊ لاڙڪاڻو جي نگرانيءَ ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا سالياڻا امتحان شروع ٿي ويا آهن جتي پهرين ڏينهن نائين جماعت جي فزڪس جو پرچو ورتو پيو وڃي ان حوالي سان تعليم بورڊ لاڙڪاڻو جي چيئرمين خالد حسين مهر تعليمي بورڊ جي آفيسرن سان گڏجي لاڙڪاڻي شهر جي مختلف امتحاني سينٽرن جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو جتي هن تعليم کاتي جي آفيسرن کي هدايت ڪئي ته هو ڪاپي کي روڪڻ لاءِ جوڳا انتظام ڪري امتحاني سينٽرن ۾ موبائيل آڻڻ وارن خلاف سخت
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو آدم ۾ شهيد بشير خان قريشي جي 14هين ورسي تقريب، لڏڻ جي ڀيٽا پيش

ٽنڊوآدم (ن ع) جيئي سنڌ قومي محاذ طرفان شهيد بشير خان قريشي جي 14هين ورسي جي مناسبت سان هڪ پروقار تقريب سنڌ هائوس ٽنڊو آدم ۾ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ ضلعي عهديدارن، ڪارڪنن ۽ ساٿين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي تقريب کي خطاب ڪندي ضلعي اڳواڻ
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: هڪ شاگرديائي بورڊ جا امتحان حل ڪري رهي آهي

لاڙڪاڻي ۾ ايل پي جي گئس ڊيلرن جي زيادتين خلاف رڪشا ڊرائيورن جو احتجاج

مظاهرين گلزار گوپانگ، سيد ظفر شاهه، غلام قادر سومرو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

ڊيلر في ڪلو 460 کان 500 رپيا وڪرو ڪري اسان سان وڏي ناجائزي ڪري رهيا آهن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي جي ايل پي جي گئس ڊيلرن طرفان پڻي ۽ بليڪ ميلنگ جي الزام هيٺ آيل رڪشا ڊرائيور ليبر يونين جي صدر گلزار گوپانگ تنظيم جي ٻين اڳواڻن سيد ظفر شاهه، غلام قادر سومرو، درياهه خان سولنگي ۽ ٻين سان گڏجي لاڙڪاڻو پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي پاڻ مٿان لڳايل الزامن کي بي بنياد ۽ ڪوڙي پروپيگنڊا قرار ڏيندي چيو آهي ته اوگرا طرفان ايل پي جي گئس جو في ڪلو اگهه 304 رپيا مقرر ٿيل
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ويجهو ايران جي مسلمانن جي مدد لاءِ امدادي ڪيمپ قائم ڪئي وئي

سيٺارجا (ن ع) ڪاليروڊا ۾ ايران جي مسلمانن جي مدد لاءِ امدادي ڪيمپ قائم ڪئي وئي جنهن ۾ پريس ڪلب جي صدر حسين بخش اوٺو جنرل
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

سنگاپور: قطر جو سنگاپور ۾ سفير عبدالعزيز بن احمد پاڪستان جي هاءِ ڪمشنر رابيه شفيق سان ڳالهائي رهيو آهي

خيرپور ويجهو سولر پليٽ مان ڪرنٽ لڳڻ جي معصوم نينگر فوت، گهر ۾ ڪهرام

ماڇيون ٿاڻي جي حد دائود ڳوٺ ۾ 5 ورهين جو فراز پٽ ظهير ڦلپوٽو فوت ٿي ويو

نينگر جو لاش اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد گهر پهچڻ تي پاڙين ۾ ڪهرام مچي ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور جي وڏا ماڇيون ٿاڻي جي حد دائود ڳوٺ ۾ گهر اندر سولر پليٽ مان اوچتو ڪرنٽ لڳڻ جي نتيجي ۾ 5 ورهين جو نينگر فراز پٽ ظهير ڦلپوٽو ڏڏي تي ئي فوت ٿي ويو فوتي نينگر جو لاش سنڌس وارثن طرفان سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو جتي نينگر جو پوسٽ مارٽم بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام مچي ويو

مرحوم نوراحمد لاکو هڪ بهترين سياسي ۽ سماجي شخصيت هو: ملڪ اسد سڪندر

سنڌس وڇوڙي سڪرنڊ کي نه ڇا پر پوري سنڌ کي غمزده ڪيو آهي

مرحوم اسان جو پائرن جهڙو دوست هو الله پاڪ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي

سڪرنڊ (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي جي ايم اين اي سردار ملڪ اسد سڪندر خان سڪرنڊ جي ڳوٺ موريو لاکو ۾ پهچي پي پي اڳواڻ مرحوم رئيس نوراحمد لاکو جي فوت ٿي وڃڻ تي سنڌس پوٽرن حاجي الله بخش لاکو رئيس خان محمد لاکو رئيس محسن لاکو رئيس شير علي لاکو دانش لاکو شهزاد لاکو سان تعزيت ڪئي ان موقعي تي ملڪ صاحب ڳالهائيندي چيو ته مرحوم نوراحمد لاکو هڪ بهترين سياسي ۽ سماجي شخصيت هو هن جي وڇوڙي سڪرنڊ کي نه ڇا پر پوري سنڌ کي غمزده ڪيو آهي مرحوم اسان جو پائرن جهڙو
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

سڪرنڊ: پ پ ايم اين اي ملڪ اسد سڪندر تعزيت وقت ميزبانن سان ڳالهائي رهيو آهي

ڪڪڙ ۾ پورهيتن جو ٽريفڪ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاجي مظاهرو

پورهيتن ڪوڙي لنڪ روڊ تي ٻن سان پريل ٽريڪٽر ٽرالين کي بيهاري احتجاج رڪارڊ ڪرايو

پوليس اهلڪار رشوت نه ڏيڻ جي صورت ۾ ڏنڊ هڻڻ ۽ گاڏين چالان ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏيندو آهي مظاهرين

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ ٻڻ سان لڏايل مزدورن پاران ٽريفڪ پوليس جي مبينا زيادتين خلاف سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ان دوران نظير برهماڻي، ياسين، مذمل، منظور ۽ ٻين پورهيتن ڦوڙي لنڪ روڊ تي ٻڻ سان پريل ٽريڪٽر ٽرالين کي بيهاري سخت احتجاج رڪارڊ ڪرايو، جنهن سبب روڊ تي ٽريفڪ جي امدرفت پڻ متاثر ٿي، احتجاج ڪندڙ مزدورن ٽريفڪ پوليس اهلڪار سعيد پنهور تي مبينا رشوت طلب ڪرڻ جا الزام لڳائيندي چيو ته هو روزاني مزدوري ڪري 500 کان 1000 رپين ڏائين ڪمائي پنهنجن ٻچن جو پيٽ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوڄام ۾ ڳوٺاڻن جو بنيادي سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

او جي ڊي سي ايل علائقي مان اربين رپين جو تيل ۽ گيس ڪڍي رهي آهي: مظاهرين

ته ڳوٺ ۾ صحت، تعليم، صاف پاڻي ۽ روڊ سميت بنيادي سهولتن جي اڻاٺ آهي

ٽنڊوڄام (ت ر) ڳوٺ گل محمد ڪٽي او جي ڊي سي ايل کان هڪ ڪلوميٽر جي مفاصلي تي هجڻ باوجود بنيادي سهولتن کان محروم آهي ڳوٺ جي رهواسين وڏيرو غلام حيدر سومري ايڊووڪيٽ ابراهيم سومرو غلام اڪبر سومرو ترقياتي ۽ فلاحي ڪمن ۾ نظرانداز ڪرڻ خلاف او جي ڊي سي ايل ڪنٽر ايل پي جي پلانٽ جي مين گيٽ آڏو ڌرڻو هڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ۽ مين گيٽ بند ڪري ڇڏيو ڌرڻي سبب پلانٽ مان تيل ۽ گيس جي رسد بند ٿي وڃڻي احتجاج ڪندڙ او جي ڊي سي ايل انتظاميه خلاف سخت تعريبازي پڻ ڪندا
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

دڙي جي فيڊر 2 کي ايڪسپريس جو درجو ڏئي زيرو لوڊشيڊنگ جو اعلان ڪيو ويو

چيف حيسڪو فيض الله ڏاهري گرڊ اسٽيشن فيڊر 2 تي بنا رڪاوٽ بجلي فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو

شهر ۾ سٽر سيڪٽر بلنگ هجڻ سبب لوڊشيڊنگ جو مڪمل خاتمو آندو ويو آهي: فيض الله ڏاهري

دڙو (ن ع) دڙو ٽائون ڪاميٽي دڙي جي گرائونڊ ۾ حيسڪو سب ڊويزن پاران دڙو شهر جي گرڊ اسٽيشن فيڊر 2 ايڪسپريس جو درجو ڏئي زيرو لوڊشيڊنگ جو اعلان ڪيو ويو جڏهن ته شهر مان بجلي جي لوڊشيڊنگ مڪمل ختم ڪرڻ جو به اعلان ڪيو ويو. تقريب جو مک مهمان چيئرمين ٽائون ڪاميٽي دڙو چوڌري وسيم افضل راجپوت هو جڏهن ته مهمان خاص چيف حيسڪو فيض الله ڏاهري پڻ موجود هو. تقريب ۾ شهر جي سياسي، سماجي ۽ صحافي برادري جي شخصيتن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي چيف
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

بهاولپور: واسا عملو روڊ تي بيٺل برساتي پاڻي ڪيڍي رهيا آهن

خيرپور ضلعي ۾ نائين ۽ ڏهين جا امتحان شروع، 60 شاگردن خلاف ڪاپي ڪيس

اسسٽنٽ ڪنٽرولر غلام مصطفيٰ پيرزادو عملدارن سان گڏ مختلف سينٽرن تي ڇاپا هنيا

امتحانن ۾ شفافيت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سخت قدم کنيا پيا وڃن: غلام مصطفيٰ پيرزادو

خيرپور (ڊ ر) اسسٽنٽ ڪنٽرولر (ڪاپي) غلام مصطفيٰ پيرزادو عملدارن سان گڏ ناز پائليٽ هائير سيڪنڊري اسڪول حسين آباد اسڪول سميت ٻين امتحاني سينٽرن جو دورو ڪيس جتي امتحاني عمل جي چڪاس دوران وڏي انگ ۾ شاگردن کي نقل ڪندي پڪڙيو ويو عملدارن ڪاروائي ڪندي 60 کان وڌيڪ شاگردن خلاف ڪاپي ڪيس داخل ڪيا جڏهن ته حسين آباد اسڪول ۾ هڪ شاگرد کي ٻئي شاگرد جي جاءِ تي پيپر ڏيندي پيپر ڪسي
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سماجي اڳواڻ قمرالدين سارو کي انساني خدمتن تي مڃتا طور ايوارڊ سان نوازيو ويو

هيومن رائيٽس انٽرنل فورم آف پاڪستان پاران مرڪزي سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي

هي اعزاز مون اڪيلي جي ڪوشش جو نتيجو نه پر منهنجي ساٿين جي محنت جو نتيجو آهي: قمرالدين سارو

ڪڪڙ (ن ع) دادو ضلعي جي سماجي اڳواڻ قمرالدين سارو کي انساني خدمتون سرانجام ڏيڻ تي مڃتا طور ايوارڊ سان نوازيو ويو. خبر موجب هيومن رائيٽس انٽرنل فورم آف پاڪستان جي مرڪزي سيڪريٽريٽ ڪراچي ۾ هڪ باوقار سماجي تقريب منعقد ڪئي وئي ايوارڊ جي تقريب جي صدارت هيومن رائيٽس انٽر فورم جي مرڪزي چيئرمين ڊاڪٽر هاشم سنڌياڻ ڪئي جنهن ۾ سنڌ جي مختلف ضلعن جي سماجي عهديدارن شرڪت ڪئي جتي چيئرمين
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

اسان جي صحافين کي پنهنجي صحافت کي سمجهڻ گهرجي: عبداللطيف سولنگي

اڄاين ويب چينلن غير رجسٽرڊ اخبارن جي ڪا کاتي يا ادارن ۾ اهميت ناهي

بيمار صحافين جي مدد لاءِ اسان جو انفارميشن کاتو هر ممڪن سهڪار ڪري رهيو آهي

مورو (ن ع) ضلعي نوشهروفيروز جي انفارميشن کاتي جو آفيسر عبداللطيف سولنگي ۽ سنڌس فوٽو گرافر محمد قاسم گوندل مورو پريس ڪلب پهتا جتي پريس ڪلب چيئرمين محمد اسحاق ڪورائي فقير بشير احمد لغاري، محمد بخش عالماڻي، وحيد رزاق مستوئي محمد جمن سولنگي موجود هئا ان موقعي تي پريس ڪلب طرفان چيئرمين محمد اسحاق ڪورائي اجرڪ جو تحفو پيش ڪيو ان موقعي تي انفارميشن آفيسر عبداللطيف
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

پشاور: برسات جي بيٺل پاڻي مان سواريون گذري رهيون آهن

سکر يونين آف جرنلسٽس جي وفد پاران ارسلان اسلام شيخ سان ملاقات

وفد خالد ڀاڳڙ، احقر شاهه رضوي ۽ ٻين صحافين جي مسئلن بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي

صحافي برادري جي مسئلن جي حل ۽ شهر جي ترقي لاءِ هر ممڪن قدم کنيا ويندا: ارسلان اسلام

سکر (بيورو رپورٽ) سکر پريس ڪلب ۽ سکر يونين آف جرنلسٽس جي هڪ اعليٰ سطحي وفد سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ سان هڪ اهم ۽ خوشگوار ملاقات ڪئي جنهن ۾ سکر شهر جي مختلف مسئلن صحافتي معاملن ۽ باهمي تعاون جي فروغ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ملاقات دوران وفد سکر ۾ صحافي برادري کي درپيش مسئلن پريس ڪلب سان لاڳاپيل مسئلن شهري سهولتن جي بهتري ۽
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

ضلعي ۾ ٻارن ۾ پکڙجندڙ وائرس هڪ خطرناڪ بيماري آهي: ڊاڪٽر مهرين ڀٽو

عوام ٻارن کي حفاظتي ويڪسين لڳرائين ۽ ڳوٺن ۾ اينڊ هيلٿ ٽيمن سان سهڪار ڪري

اسپتالن ۾ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيا آهن صوبائي حڪومت سان رابطي ۾ آهيون

خيرپور (ڊ ر) پيپلزپارٽي جي ايم اين اي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيو آهي ته معصوم ٻارن ۾ چڪن پوڪس بيماري جي روڪٿام لاءِ هو صحت کاتي جي اعليٰ اختيارين سان لڳاتار رابطي ۾ آهن هو پنهنجي رهائشگاهه تي غلام عباس راجپر جي اڳواڻيءَ ۾ آيل وفد سان ڳالهه ٻولهه ڪري رهي هئي ان موقعي تي ڊاڪٽر مهرين ڀٽو چيو ته ضلعي ۾ ٻارن ۾ پکڙجندڙ وائرس هڪ خطرناڪ بيماري آهي هن چيو ته اسپتالن ۾ آئسوليشن وارڊ قائم ڪيا ويا آهن ۽ هو ڊسٽرڪٽ هيلٿ
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

پنوعاقل ويجهو تيز رفتار ڊائسن ڪلٽي ٿيڻ سبب ٻه عورتون فوت، ٻارن سميت 14 ڄڻا زخمي

سانگي لڳ افسوسناڪ روڊ حادثي ۾ مسمات فريدان ۽ مسمات ملوڪان ننڌاڻي ڏڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ زخمي بادل، ارشاد، نصرت، شاهده، حميده، ناماليءَ ۽ لاش کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

ڳوٺ الله ورايو ننڌواڻي واسي هڪ گهر جا ڀاتي تعزيت تي وڃي رهيا هئا ته حادثي جو شڪار ٿي ويا

پنوعاقل (ن ع) پنوعاقل رات دير سان ڳوٺ الله ورايو ننڌواڻي واسي سانگي لڳ افسوسناڪ روڊ حادثي ۾ ڊائسن گاڏي تيز رفتار سبب ڪلٽي ٿي پئي، جنهن جي نتيجي ۾ ٻه عورتون موقعي تي ئي فوت
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

ڪنڊڪوٽ: تيل جي قيمتن ۾ واڌ خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڌڪوٽ قومي عوامي تحريڪ پاران ڊيزل ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ خلاف احتجاج

ڪنڌڪوٽ (ڊ ر) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي ڊيزل ۽ پيٽرول جي اگهن ۾ واڌ ۽ مهانگائي خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو پيٽرول ۽ ڊيزل جي اگهن ۾ واڌ سبب مهانگائي عروج تي پهچي وئي آهي ۽ عام ماڻهو سخت پريشاني ڪي منهن ڏئي رهيا آهن مظاهرين جو صحافين سان ڳالهيون قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سڏ تي ڊيزل ۽ پيٽرول جي اگهن
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

بوزدارواڍا: ڳوٺ حسن علي مهراڻي ۾ پوپي پارٽن جن ڪيهڻ دوران تشدد ۾ فوت ٿي ويل نينگري جو لاش گهر پيل آهي

شهدادپور لڳ ريل گاڏي جي ٽڪر سبب درويش صفت شخص فوت

فوتي جو لاش ڪٺائي سمس اسپتال جي مردخاني ۾ سڃاڻپ لاءِ رکرايو ويو

سڃاڻپ نديم ولد عبدالرشيد راجپوت طور ٿيڻ تي لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

شهدادپور (ن ع) شهدادپور ۾ ريلوي اسٽيشن تي پنجاب کان ڪراچي ويندڙ مسافر قراقرم ايڪسپريس ريل گاڏي جي ٽڪر لڳڻ جي نتيجي ۾ اڻ ڄاتل درويش صفت شخص فوت ٿي ويو فوتي جو لاش سمس اسپتال شهدادپور آندو ويو جتي سڃاڻپ لاءِ مڙهه کي سمس اسپتال جي مردخاني ۾ رکرايو ويو ، سنڌس لاش جي سڃاڻپ فوتي جي پاءُ ماسٽر اشرف راجپوت ڪندي چيو ته منهنجي پاءُ جو نالو محمد نديم آهي ولد عبدالرشيد راجپوت، شهر جي مدني ڪالوني جا رهواسي آهيون پاءُ جو دماغي توازن درست نه هو ان ڪري رات دير
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 24 ڏينهن به وارثن پاران احتجاج جاري

مظاهرين قبران لغاري فراز لغاري مراد علي لغاري، محسن علي رستماڻي، اسرار پٽي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ ڌرڻو هنيو

ڳوٺ ۽ شهر جي بيگناهه 60 قيدين کي 11 مهينن کان بنا ڪنهن ڏوهه جي قيد ڪيو ويو آهي: مظاهرين

لغارين سان 11 مهينن کان سنڌ حڪومت جو ظلم جاري آهي سڀ متحرڪ ڪردار زبانون بند ڪيو ويٺا آهن

مورو (رپورٽ خدا بخش ميمڻ) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 24 ڏينهن به قيدين جي وارثن مردن عورتن ٻارڙن نياڻين امڙين ڀينرن پاڻين پيرسن والدين سياسي سماجي
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين پرسان هٿياربند واپاري کان موٽرسائيڪل ۽ رقم ڦري ويا

ڳڙهي ياسين (ن ع) ڳڙهي ياسين پرسان دڪن ڪان شڪارپور وڃي رهيوس ته سوڙ واهه وٽان نامعلوم هٿيار بند هٿيارن جي زور تي سون کان 2018 ماڊل سي ڊي موٽر سائيڪل ۽ موبائل فون ۽ 20 هزار روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان موقعي تي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سکيون ويجهو نوجوان ٽريڪٽر هيٺيان اچي چيپاڄي فوت، گهر ۾ ڪهرام

ڳوٺ بهادر ڪلهوڙو ۾ 18 ورهين جو پورل ولد محمد علي ڪلهوڙو فوت ٿي ويو

نوجوان جي اوچتو موت تي گهرڀاتين ۾ روڄ راڙو علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل

سکيون (ن ع) ڳوٺ بهادر ڪلهوڙو ۾ 18 ورهين جو نوجوان پورل ولد محمد علي ڪلهوڙو ٽريڪٽر هيٺان اچي چيپاجي فوت ٿي ويو نوجوان پورل ڪلهوڙو بيٺل ٽريڪٽر مان موبائل چارج ڪري رهيو هو ته اوچتو ٽريڪٽر پاڻ مرادو چالو اسٽارٽ ٿي سنڌس مٿان چڙهي ويو جنهن سبب نوجوان چيپاڄي فوت ٿي ويو نوجوان جي اوچتو موت تي سنڌس گهرڀاتين ۾ روڄ راڙو پئجي ويو آهي علائقي ۾ سوڳ وارو ماحول ڇانيل آهي

ٽنڊوآدم ۾ پرياسي نوجوان ناري سميت 2 ڄڻن پاران آپگهات ڪرڻ جي ڪوشش، اسپتال داخل

ٽنڊوآدم (ن ع) ٽنڊوآدم ۾ 25 سالا نوجوان فيض محمد ولد عبدالمجيد ۽ پوپر شاخ ۾ 17 سالا ناري عاصمه ڌيءُ امداد ملوڪاڻي گهرو مسئلن سبب دارو زهريلي جيٽ مار دوا پي آپگهات ڪرڻ جي
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

ٻارڙن ۾ وڌندڙ بيماري جي روڪٿام لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون: جاويد شاهه جيلاني

خيرپور جي اسپتالن ۾ آئيسوليشن وارڊن ۾ ضروري دوائون مهيا ڪيون ويون آهن

ماڻهن کي گهرجي ته ٻارڙن کي حفاظتي ويڪسين وقت تي ڪرائين ۽ هيلٿ ٽيمن سان تعاون ڪن

هنگورجا (ن ع) پاڪستان پيپلز پارٽي ايم اين اي سيد جاويد علي شاهه جيلاني چيو آهي ته ضلعي خيرپور ۾ ٻارڙن ۾ ڦهلجندڙ بيماري جي روڪٿام لاءِ صحت کاتي جي اعليٰ آفيسرن سان رابطي ۾ آهيون سيد جاويد علي شاهه جيلاني پنهنجي رهائش گاهه تي تعلقي ڪنگري ڪمبٽ ۽ صوبيديرو جي ماڻهن سان ملاقات ڪري مسئلا حل ڪيا ان موقعي تي سيد جاويد علي شاهه جيلاني صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته ضلعي ۾ ٻارڙن ۾ وڌندڙ بيماري جي روڪٿام لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون اسپتالن ۾ آئيسوليشن وارڊ ۽ تمام ضروري
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

هنگورجا: ايم اين اي جاوڊ شاهه جيلاني ڪارڪنن سان ڳالهائي رهيو آهي

ٽنڊو محمد خان ۾ مسافر گاڏين وارا اضافي ڀاڙا وصول ڪرڻ سبب عوام پريشان

حيدرآباد، بدين، سجاول ۽ ملي لاءِ مسافرن کان في ماڻهو 300 رپيا اضافي ڀاڙو وصول لڳا

مسافرن پاران شڪايتون باوجود انتظاميه خاموش ڏٺيل، ٽرانسپورٽر خلاف ڪارروائي نه ٿي

ٽنڊو محمد خان (ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌ حڪومت پاران واڌي ڪرايا وٺڻ وارن ٽرانسپورٽر جي اعلان جي باوجود به مسافر گاڏين وارن پنهنجا ڀاڙا گهٽائڻ بجاءِ وڌائي لڳا مختلف علائقن ڏانهن سفر ڪندڙ مسافر ۽ مزدوري لاءِ ويندڙ پورهيت سخت پريشانين ۾ مبتلا خبر موجب ٽنڊو محمد خان کان حيدرآباد، بدين، سجاول ملي لاءِ سفر ڪندڙ مسافرن کان 150 کان 300 رپيه في اضافي ڀاڙو وصول ڪيو ويندو آهي جڏهن ته وڌيڪ منزل هڻڻ ڪري ڀاڙي ۾ اچان به وڌيڪ واڌ ڪري في مسافر کان وصول ڪيو ٿو وڃي ٻي طرف مختلف
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

شاهپورچاڪر مان اسڪالرشپ تي روس ويل شاگرد جو وارثن رابطو ڪٽيل، حڪومت کي مدد جي اپيل

شاهپورچاڪر (ن ع) قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ محمود رخشاڻي جو نوجوان پائيٽو شاهنواز رخشاڻي شاهپور چاڪر مان روس جي ماسڪو يونيورسٽي مان اسڪالرشپ تي پوسٽ گريجوئيشن ڪرڻ ويو هو مگر 22 مارچ کان سنڌس
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ چڪن پوڪس بيماري ڦهلجڻ ڪري اٺن ٻارن جي فوت ٿيڻ جو وزيراعظم نوٽيس ورتو

ضلعي جي اٺن تعلقن ۾ چڪن پوڪس، ارڙي، خسري جي بيماري ڦهلجڻ کان پوءِ انتظاميه ۾ ڏڪڻو مچي ويو

بيمارين جون ٽيسٽون مٿي موڪليو آهن جيڪي هڪ مهينو گذرڻ باوجود واپس ناهين آيون: ڊاڪٽر

وزيراعظم پاڪستان محمد شهباز شريف چيف سيڪريٽري سنڌ کان تفصيلي رپورٽ طلب ڪري ورتي

خيرپور (ڊ ر) خيرپور ۾ چڪن پوڪس بيماري ڦهلجڻ ڪري اٺن ٻارن جي فوت ٿيڻ کان پوءِ انتظاميه ۾ ڏڪڻو وزير اعظم نوٽس ورتو تفصيل موجب خيرپور ضلعي جي اٺن تعلقن ۾ چڪن پوڪس، ارڙي،
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

پيپلز پارٽي جي عوامي خدمت ڪنهن کان به لڪيل ناهي: نعمان اسلام شيخ

نمائندا عوام جي بنيادي ۽ مقامي حڪومتي سهولتون فراهم ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن

سکر شهر جي جي تعمير ۽ ترقي لاءِ جاري منصوبن تي ضلعي انتظاميا عوام تعاون جاري رکي

سکر (بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي قومي اسيمبلي ميمبر نعمان اسلام شيخ چيو آهي ته پيپلز پارٽي جي عوامي خدمت ڪنهن کان به لڪيل ناهي، چاهي اهي پيپلز پارٽي جا عوامي نمائندا هجن يا مقامي حڪومت، اهي ڏينهن رات عوام کي هر ممڪن حق فراهم ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ سکر ميونسپلٽي جي ميئر بئريسٽر ارسلان اسلام شيخ ۽ يو سي ايس چيئرمين جي محنت ۽ لڳڻ سان انشاء الله سکر شهر وڌيڪ ترقي ڏانهن وڌندو انهن خيالن
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

سکر: پ پ اڳواڻ نعمان اسلام شيخ شهرين جا مسئلا ٻڌي رهيو آهي

وڳڻ جا ٻه نوجوان دوست پراسرار نموني گم، وارثن پاران ڳولا ۾ مدد جي اپيل

وڳڻ (ن ع) وڳڻ شهر جا ٻه نوجوان دوست پراسرار نموني گم ٿي ويا وارثن پاران ڳولا جاري ان ڏس ۾ شهر جي وڳڻ پاڙي جو رهواسي 20 ورهين جو وسيم پٽ امداد تيوٽو ۽ ڳوٺ جعفراڻي جو رهواسي 18 ورهين جو رياض پٽ رئيس اڪبر پنهور گذريل چئن ڏينهن کان گهر کان نڪري پراسرار نموني گم ٿي ويا اهڙي طرح وارثن
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ رتوديرو واسين جو اسپتال انتظاميا خلاف احتجاجي مظاهرو

روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل نوجوان جو ٽراما سينٽر آندوسين، ڊاڪٽر آپريشن نه پيا ڪن

صحت کاتي جو صوبائي وزير ۽ وسوارا نوجوان جو علاج ڪرائڻ ۾ مدد ڪن

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ ٻه هفتا اڳ روڊ حادثي ۾ زخمي ٿيل رتوديرو واسي رڪشا ڊرائيور جو علاج نه ٿيڻ خلاف سنڌس وارثن زخمي نوجوان کي رڪشا ۾ کڻي لاڙڪاڻو پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ پيرسن بيواهه عورت حميده زال مرحوم مختيار جلباڻي پنهنجي پٽن دلبر علي، درياهه خان، ماڻٽن اقرار احمد ۽ خرم جلباڻي سان گڏجي ميڊيا آڏو ڏانهنيندي چيو ته اسان اصل رتوديرو شهر جي ٻيڻ پاڙي جا رهواسي آهيون جڏهن ته 5 سال اڳ روزگار جي سلسلي ۾ اتان لڏپلاڻ ڪري
بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 5

لاڙڪاڻي ۾ قمبر واسي پورهيت جو سول اسپتال انتظاميا ۽ ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ تعلقي قمبر جي ڳوٺ خيرپور جوسو جي رهواسي پورهيت طرفان مبينا طور سول اسپتال لاڙڪاڻو ۾ داخل پٽ جو آپريشن نه ٿيڻ توڙي پکو ٿاڻي جي ايس ايڇ او جي زيادتين خلاف پريس ڪلب اڳيان احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي احتجاج ڪندڙ
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

ميهڙ پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو، 6 جواري گرفتار

ميهڙ (ن ع) ايس ايس پي دادو ڪيپٽن (ر) صدام حسين خاصخيلي جي هدايتن تي سماجي براين خلاف ڪاروايون جاري آهن. ميهڙ ۾ پوليس جو جوا جي اڏي تي ڇاپو 6 جواري گرفتار ڪيس داخل ڪيو ويو.
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ مان جي يو آءِ اڳواڻ جو پاءُ کنيي گم، ڪارڪنن ۽ خاصخيلي برادري جو ڌرڻو

سيشن ڪورٽ جي سامهون مولانا سڪندر خاصخيلي جي پاءُ سجاد خاصخيلي کي وردي پهريل ڪار ۾ وجهي گم ڪري ڇڏيو

واقعي خلاف جي يو آءِ جي ڪارڪنن ۽ خاصخيلي برادري جي ماڻهن جو احتجاجي مظاهرو

ايس ايس پي پاران نوٽيس وٺڻ بعد 12 ڪلاڪ بعد نوجوان سجاد خاصخيلي کي آزاد ڪيو ويو

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) جامشورو سيشن ڪورٽ جي سامهون پيٽرول پمپ پرسان جي يو اڳواڻ مولانا سڪندر خاصخيلي جو ننڍو پاءُ ڪوٽڙي واسي ٽرانسپورٽر سجاد خاصخيلي کي وردي پهريل اهلڪارن زبردستي مبينا طور کنيي ڪار ۾ وجهي گم ڪري ڇڏيو جي يو آءِ ۽ خاصخيلي برادري پاران
بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 5

مسوپرڳڙي ۾ بغير لائسنس هلندڙ هڪ خانگي پيٽرول پمپ خلاف احتجاج

مسوپرڳڙي (ن ع) مسوپرڳڙي ۾ الله واري چوڪ سامهون بغير لائسنس هلندڙ هڪ خانگي پيٽرول پمپ خلاف رهواسين سخت احتجاج ڪيو آهي مظاهرين جو چوڻ آهي ته مذڪوره پمپ انتظاميا کي مبينا ڏيتي ليتي ذريعي هلائي رهيو آهي ۽ نه صرف قانوني گهرجن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي
بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا سالياڻا امتحان شروع، بورڊ چيئرمين جو دورو

پروفيسر ڊاڪٽر شجاع احمد مهيسر امتحاني مرڪز جو دورو ڪري انتظامن جو جائزو ورتو

ميرٽ کي برقرار رکندي شاگردن کي بهترين سهولتون مهيا ڪيون وڃن: بورڊ چيئرمين

ڪوٽڙي سائيٽ (رپورٽ نعيم اختر سومرو) حيدرآباد تعليمي بورڊ ۾ جماعت نائين ۽ ڏهين جا سالياڻا امتحان باقاعدي طور شروع ٿي ويا آهن. ان سلسلي ۾ اڄ گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ڪوٽڙي ۾ چيئرمين بورڊ آف انٽرميڊيٽ حيدرآباد جو دورو ٿيو جتي شفافيت تي زور ڏيندي امتحاني انتظامن جو جائزو ورتو ويو ۽ نقل جي روڪٿام ۽ پرامن ماحول کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون ڏنيون ويون. ڪوٽڙي جي گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول ۾ جماعت نائين ۽ ڏهين جا سالياڻا امتحان باقاعدي طور شروع ٿي ويا آهن. هن موقعي تي
بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 5

مٽياري ضلعي ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا سالياڻا امتحان شروع

مٽياري (ڊ ر) مٽياري ضلعي ۾ حيدرآباد بورڊ جي زير نگراني هيٺ نائين ۽ ڏهين جماعت جا سالياڻا امتحان شروع ٿي ويا آهن امتحاني مختلف سينٽرن ۾ هزارين
بقايا نمبر 46 ڏسو صفحو 5

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي، تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.